روُحاني رسگُلا

(آتمڪ گيان)



کتري چيتانند پرماننداڻي 'داس'


روحاني رسگُلا

(آتمڪ گيان)

چيتانند پرماننداڻي 'داس'

پوتر ياد ۾

”روحاني رسگُلا“ (آتمڪ گيان) ڪاويہ سنگرھ
مربيءَ ياءُ ڪتري چمنلال گنگارام پرمانندا ٽيءَ جي
منڙيءَ پويتر ياد ۾ تيار ڪري ڇپايو ويو آهي.



سرڳواسي ڪتري چمن لال گنگارام پرمانندا ٽي
Ex. Date 16-7-2008

وڇڙيا آهيو، پر وسريا نہ آهيو،
اوهان وڏن جي آسيس اَسان ننڍن تي قائم رهي.
اوهان جي آتما کي پرماتما شانتي بخشي.
اَهڙي پرارٿنا ايشور در ڪريون ٿا.
اوم شانتي....شانتي....شانتي....

ڪتري - پرمانندا ٽي پريوار

روُحاني رسگلا

(آتمڪ گيان)

شاعر : کتري جيٺانند جي. پرمانندائي 'داس'

ڪاپيون : ٥٠٠

ايڊيشن : پھرين ايڊيشن، ڊسمبر ٢٠٠٩

قيمت : ١٢٠ رپيا

حق واسطا : شاعر وٽ محفوظ

پبلشر : 'سنڌي احوال'

١٢، سکمني اپارٽمينٽ، اي-وارڊ، نيو بنگلا ايريا،

سھجپور، احمدآباد-٣٨٢٣٤٥

پرنٽر : مھالڪشمي پرنٽرس

راجاوير سرڪل، ڪبيرنگر، احمدآباد-٣٨٢٣٤٠.

Ruhani Rasgulla

by : © Khatri Jethanand G. Parmanandani 'Das'

Copies : 500

Edition : 1st Edition December 2009

Price : Rs. 120/-

Publisher : SINDHI AHWAL

12, Sukhmani Apartment,

A-ward, New Bunglow Area,

Sahijpur, Ahmedabad-382345.

Printer : Mahalaxmi Printers


Rajavir Circle, Kubernagar, Ahmedabad-40.

BEST WISHES FROM :

RO System

क्या आप शुद्ध जल पीते हैं?

आप पीने के लिये जो जल उपयोग में लाते हैं वह दिखने में स्वच्छ लगता है परन्तु आवश्यक नही कि वह शुद्ध ही हो । अगर आप या आपके प्रियजन अक्सर पेट की बीमारीयों, गले की खराश या बुखार इत्यादि से परेशन रहते हैं तो इसका एक महत्वपूर्ण कारण दूषित पेयजल हो सकता है । यह अशुद्ध जल शरीर की रोग प्रतिरोधक क्षमता को कमजोर करता है और आप भी खतरनाक वायरस और बैक्टेरीया जैसे E-Coli, Crypto Soridium, Coliforms इत्यादी का शिकार बन सकते हैं । दिन प्रतिदिन बढ्ते प्रदूषण से पानी भी नही बचा है और हो सकता है कि आप भी पानी के रुप में धीमा जहर ले रहें हों। अब समय आ गया है की आप अपने और प्रियजनों की स्वास्थय रक्षा के लिए शुद्ध पेय जल के



आपका पेय जल कितना शुद्ध है?


कुछ रसायनिक तत्व पानी के रंग, स्वाद और गंध में परिवर्तन कर देते हैं । खतरनाक बैक्टेरीया और वायरस पानी में अदृष्य रुप में मिले रहते हैं, जो शरीर की रोग प्रतिरोधक क्षमता को कमजोर कर अनेक प्रकार की बीमारियों को जन्म देते हैं ।

M Tech R.O. System द्वारा जल शुद्ध करके पानी पीयें ।

अधिक जानकारी के लिए संपर्क करे :

Anil Tharwani

M. 9377176371



SAI ENTERPRISE

17, Ranjit Complex, Nr. Satluj Hotel,
Naroda, Ahmedabad.



سدا حيات سائين
چئنلعل آهوجا

١- چئن لال آهوجا جو مان ڪهڙو ڪريان بيان!
نهنو نماڻو دلبر دوست هئو اَعليٰ اِنسان،
چمڪايو پنهنجو نام رهي هن سنسار ۾.

٢- سادو سودو سچيار، موهڻي مورت وارو،
هيڏن جو هئو همراهه، سهڻي سورت وارو،
وڃائي ويو وارو، ڪري ڪم ڪمال جا.

٣- چئن لال پڪو گانڌيوادي، سچو محب وطن،
کاڌيءَ جا ڪپڙا پائڻ وارو هيءُ سهڻو سڄڻ،
هئس خوُب لڳن، سنڌي سماج جي شيوا لاءِ.

٤- سنڌي ٻوليءَ جو چاهڪ، سنڌيت سنڌو شان،
ٻوليءَ کي ٻلوان بڻائڻ لاءِ، ڏنيو پياري ڏيان،
وڌايو مرتبو ۽ مانُ، سدا سنڌي قوم جو.

٥- سنڌن سُپتر ٻه آهن سهڻا سڀاڄها نوجوان،
سنڌي ۾ اَخبارون ۽ اَنڪ ڪڍي روشن ڪيو وڏن جو نام،
'داس' سنڌيت سنڌو جام - پيارينڌا رهن سنڌي قوم کي.
- ڪتري ڇيتانند جيِ. پرمانندائي 'داس'

پنهنجي طرفان...

گذريل سال منهنجو پهريون ڪتاب ''سنڌيت سنڌي سڀُنڌ'' توهان جي مبارڪ هٿن ۾ اچي چڪو آهي، سنڌيت پريمي پائرن ڪتاب کي چڱيءَ طرح پڙهيو هوندو، منهنجو اَدبي کيتر ۾ پهريون قدم هو. ڪيترن پائرن منهنجي ڪتاب جي باري ۾ پنهنجا تاثرات رايا ڏنا، جيڪي 'سنڌي احوال' اَخبار ۾ ڇپيا ويا. پائرن ڀينرن کي مون ناچيز جو هيءُ ننڍڙو ڪتاب وڻيو هوندو. منهنجو ٻيو ڪتاب ''روحاني رسڱلا'' (آتمڪ گيان) ڪوتا جي روپ ۾ تيار ڪري ڇپايو ويو آهي، هن ڪتاب ۾ آتما کي اُجاگر ڪرڻ، من کي مارڻ ۽ پرماتما کي پائڻ جا رستا ڇنيا ويا آهن، روحاني رسڱلا پڙهڻ سان آتمڪ گيان ملندو. روح کي راحت، تن کي تراوت حاصل ٿيندي، هردو هريءَ ڏي هرندو.

هن ڪتاب ۾ تاس جي تيرهن پتن جو ٻه آتمڪ گيان روحاني راز پيش ڪيل آهي، ٻه ٽي پڇن ۽ سؤ کن اَنمول وچن ٻه ڏنل آهن، پريم سان پڙهندا، عمل ڪندا ۽ هينئين سان هنڊائيندا، مون اَڻڄاڻ کان ڀُلون چُڪون ٿيون هونديون، اِنسان ڀُلن جو گهر آهي، ڪتاب پڙهي، پنهنجا رايا موڪليندا ته سنڌي احوال ۾ ڇپايون، مان ڪو برک اَديب ۽ شاعر نه آهيان، اَدبي کيتر ۾ آزمودو خاص نه آهي. همت ٻڌي لکڻ جو ڪم ڪيو آهي. هن بندي هن ''داس'' جي همت اَفزائي ڪندا ته مهرباني. اَڳيون ڪتاب ''سنڌيت سنڌي سڀُنڌ'' آهوجا پائرن ''سنڌي احوال پبليڪيشن'' طرفان ڇپايو ويو هو. سريش ۽ نريش آهوجا جو مان آڀاري آهيان، جن پنهنجو پورن سات ۽ سهڪار ڏنو.

هيءُ ٻيو ڪتاب ٻه اُنهن جي همت اَفزائي، سات ۽ سهڪار سان تيار ٿي اوهان پاٺڪن جي هٿن ۾ پهتو آهي، تنهن لاءِ مان آهوجا پائرن جو شُڪرگُذار آهيان. سنڌي پائر ۽ ڀينرن کي وينتي آهي ته هيءُ ڪتاب پريم سان پڙهندا، روحاني رسڱلن جو مزو ماڻيندا. آتما کي اُجاگر ڪري پرماتما کي پائيندا. ڌنيواد.

جئه هند - جئه سنڌ

کتري جيٺانند جي. پرمانندائي 'داس'
KHATRI JETHANAND G. PARMANANDANI "DAS"
139, Samrathnagar, Ambawadi, Sardarnagar,
Ahmedabad-382475. (M) 09898288006

جئہ هند - جئہ هنگلاج ماتا

ماتا هنگلاج جي اَسيم ڪرپا سان مُنهنجو هيءُ بيو ڪتاب ''روحاني رسالو'' اوهان پاٺڪن جي هٿن ۾ پهچي چُڪو آهي، پريم سان اِهي رسالا پڙهندا. اِهي ڪائڻ جا نہ آهن، آتما کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ آهن، من کي مارڻ لاءِ آهن. هنئيں سان هنڊائيندا ۽ پنهنجو مانڪ جيون سڦلو سڪيارٿو بڻائيندا.



هيٺين سنڌيت پريمين پاٺڪن سائين هن ڪتاب جي ڇپجڻ لاءِ پنهنجو ساٿ ۽ سهڪار ڏنو آهي، تن جو مان شُڪر گذار آهيان، اُميد تہ اڳتي بہ اهڙيءَ طرح ساٿ سهڪار ڏيندا رهندا. ڌنيواد.

١ - سُنيل جويلرس (ديوالي بزار، ڪبيرنگر، اَحمد آباد)
٢ - ڊاڪٽر خوشيرام جيسواڻي (ايم.ايس. سرجن، نڙياد)
٣ - ڊاڪٽر ونود ٹُرناڻي (اَکين جا سرجن، پاٽيا، اَحمد آباد)
٤ - ڊاڪٽر پحومل ڪتري (ايم.ڊي. فزيشن، ڪلول)
٥ - ڊاڪٽر جحوڙومل ڏوڏيجا (سردارنگر، اَحمد آباد)
٦ - ڊاڪٽر يوحراج ڪتري (باڙمير، راجستان)
٧ - شري اَنيل تاراواڻي (سائين ڊيڪوريٽرس، ڪبيرنگر، اَحمد آباد)
٨ - ڪتري راڻومل ديوڪشن جي (ٻجن جا واپاري، همتنگر)
٩ - سسپال لڇمڻداس (محيشوري ڪلاٿ مرچنٽ، ريوڙي بزار، اَحمد آباد)
١٠ - ڪتري پيسومل چوٹرمل (اَمباواڙي، سردارنگر، اَحمد آباد)
١١ - پرڪاش ڪلر فوٽو لئب (پاٽيا، اَحمد آباد)
١٢ - ڊاڪٽر ڪؤشل آسناڻي (سردارنگر، اَحمد آباد)
١٣ - ڊاڪٽر رينا ڪي. آسناڻي (سردارنگر، اَحمد آباد)

پرميشور اُنهن پاتو، جن جي اَندر سڪ سچي،
پتنگن جيان پچن سدا، پريم جي باهه ۾ پچي،
'داس' ڪڏهن نه ڪن ڪچي، توڙي ڪرن پهاڙ سورن جا.

(ص - ٢)

داس چوي ٿو ته اي مورک اِنسان گِلا ڪنهن جي نه ڪر، گلا ڪرڻ وڏو گُناهه آهي، جيڪو ٻين جي گِلا ڪري، زبان جي چٽڙي چکي ٿو، اَهڙو ٻيو ڪو نادان ماڻهو نه آهي. اِنهيءَ ڪري سچو اِنسان اُهو آهي جيڪو پنهنجون غلطيون ۽ اوگڻ ڏسي ٿو.

گلا نه جڳائي ڪنهن جي، ڪرڻ گلا آهه وڏو گناهه،
جيڪو ٻين جون خاميون ڏسي، سو سچو پچو نادان آهي،
'داس' اُهو سچو اِنسان آهه، جيڪو پنهنجا اوگڻ ڏسي.

(ص - ٤)

شاعر چئي ٿو اي اِنسان اَجائي وڏائي ۽ ڍونگ ڇڏجي، ترلوڪي ناٿ سان ملڻو اَٿي ته هردي ۾ هريءَ جو نالو جپ ته توکي دِلبر جو درشن ٿي ويندو.

وڏا وڏا تلڪ لڳائڻ سان، ترلوڪي ناٿ نه مِلي ٿو،
مُنهن تي ڀڀوت مکڻ سان، ڀولي ناٿ نه مِلي ٿو،
دلبر جو درشن ڪري ٿو، جيڪو هردي ۾ ٿو هري جپي.

(ص - ٥)

داس جو چوڻ آهي ته مايا ڏاڍي موهڻ واري آهي ۽ ڇَل وَل ڪري ڦاسائي ڇڏي ٿي. جنهن به هِن ۾ موهه رکيو آهي ته اُن خوُب ڪَلا کاڌا آهن، تنهن ڪري مَن جي دامن ۾ ڦاسڻ کان پري پَهه.

ڏسي مايا ٿيءُ نه مست، آهي مايا بُڇڙي بلا،
ڌن پنيان رُلي رُلي، ڪيترن ڪپايا آهن گلا،
'داس' کائن خوُب ڪلا، موهه جن جو مايا ۾.

(ص - ٨)

مهاڳ

شري چيتانند گنگارام پرمانندائڻي ڪتري ''داس'' هڪ ڪوتا سنگره
''سنڌيت سندي سڳنڌ'' جي نالي توهان پاٺڪن کي ڏيئي چڪو آهي. اُن ۾
هن سنڌي ٻولي، سنڌيت، سنڌ جا نظارا، ميلا، سنڌ جا عظيم شاعر، قومي رهبر
ديش ڀڳت، سماج شيوڪ، سنت ۽ ڀڳتي مارگ ۽ آتنڪواد جهڙا مُدا کنيا هئا.

هِن جو هي ٻيو ڪتاب ''روحاني رسالو'' (آتمڪ گيان) توهان پاٺڪن
کي بيتن جي صورت ۾ ڏيئي رهيو آهي. هِن جي شاعريءَ ۾ ايشور جي لاءِ
اُڪوت ۽ اَنمول پيار ۽ ڀاوُنا آهي. هن هيءُ ڪتاب ڀڳتي مارگ تي لکيو
آهي. هِن جي شاعري هڪ اَندر جو آواز آهي. جڻ ائين اُپري بيٺي آهي
جيئن هڪ عورت بنا لپسٽڪ لڳائڻ ۽ ميڪپ ڪرڻ جي بہ، هُن ۾ قدرتي
سونهن نظر ايندي آهي. هِن جا ڀاو پکش ڏاڍا تاثير ڇڏين ٿا. باقي شعر
هن بيتن جي اِسٽائيل تي لکيا آهن، قافيي ملائڻ جو خيال ڪيو ويو آهي
هِن وزن ۽ ماپ ۾ ماترائن جي ڳڻپ جو ڌيان نہ ڏنو آهي. ڇوجو هُن جو ڇوڻ
آهي تہ جيڪو مُنهنجي اَندر ۾ جذبو ايندو آهي، اُنهيءَ کي ڪاغذ تي قلم
بند ڪري ڇڏيندو آهيان. يعني هن کي شاعري ڪرڻ لاءِ دماغي ورزش ن
ڪرڻي پوندي آهي، هِن پنهنجي بيتن ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، لالچ ۽ موه
کي بہ ڌڪاريو آهي. هِن مجموعي ۾ هِن جي شاعريءَ مان درويشي
فقيري اُپري بيٺي آهي. ساڻ گڏ ڪجهہ بيت نصيحت ڀريا آهن، هِ
بيتن ۾ ديش سان پيار ڪرڻ ۽ آتنڪواد سان نفرت ڪرڻ لاءِ بہ صلاح ڏني
آهي. هِن جي چند بيتن جا هيٺ مِثال ڏِجن ٿا.

ايشور جي پائڻ لاءِ هي شاعر چوي ٿو تہ جنهن جي مَن ۾ سچي سِڪ شر
اَندر ۾ آهي ۽ پتنگن وانگر پاڻ کي پريم جي باهہ ۾ جلائي ٿو، پوءِ ڪٿي هِن ک
ڪيترائي تڪليف جا پهاڙ ڇونہ جهاڳڻا پون، آخر هوُ اَندر ۾ ايشور پائي ٿو.

ٻول ٻول، اي ٻندا زبان مان اَهڙو آواز ڪڍ، جيڪو هرڪنهن ماڻهوءَ کي وڻي.

سدا ٻول مٺڙا ٻول، واڻيءَ ۾ پيارا ميناج گهول،
ڪوڙ سوڙ ٻالهائي، روح نہ ڪنهن جو رول،
'داس' زبان اَهڙي ڪول، جيڪا هرهڪ کي وڻي.

(ص-٣٨)

داس آتنڪ سان نفرت ڪندي چئي ٿو تہ آتنڪ ڦهلائڻ هڪ وڏو گناهہ آهي، اُهو جيڪو بہ اِنسان ڦهلائي ٿو اُن جو اَنت خراب ٿيڻو آهي، اُهو تہ حيوان مِثل آهي، جيڪو ٻين کي نقصان رسائي ٿو.

آتنڪ مچائڻ آهہ پاپ، آتنڪ ڦهلائڻ وڏو گناهہ،
نردوش ماڻهو مارڻ، اَهڙو ٻيو اَتياچار نہ آهہ،
ظلم سندو گهوڙو ڊوڙائي، اَنت اُن جو خراب آهہ،
'داس' اُهو حيوان آهہ، جو هاڃي ٻين کي رسائي.

(ص-٤١)

شاعر جو چوڻ آهي تہ چنتا جهڙي ٻي ٻري ڪابہ بلا ڪانہ آهي، جيڪا جيئري اِنسان کي دوزخ ۾ وني هلي ٿي. ڪڏهن بہ اي ٻندا مُشڪل ۾ مايوُس نہ ٿيءُ، ڏُک، سُک تہ ديهي حو ڌرم آهن. اُنهن سان گڏجي جيون گهار تہ سهڻو لڳندي. جيڪي سُکن ۾ ايشور کي وسارن ٿا، اُهي وڏا مورک ۽ نادان آهن، تنهنڪري ايشور کي ڏُک،سُک واري ٻنهي حالتن ۾ ياد ڪرڻ گهرجي.

چنتا نہ ڪر ايڏي، چنتا آهہ چتا سمان،
مُشڪل ۾ ٿيءُ نہ مايوُس، ٿي نہ ڏُک ۾ پريشان،
ڏُک کي سُک سمجهہ، جيون تن جي آسان،
سُکن ۾ سائين وسارن، سي نسورا نادان،
'داس' ياد ڪندو رهہ ڀڳوان، ڏُک توڙي سُک ۾.

(ص-٥٢)

شاعر پنهنجي ديش سان پيار ڪندي چئي ٿو تہ جيڪو پنهنجي مُلڪ سان غداري ڪري ٿو اُن جهڙو ڪو بيو مهاپاپي اِنسان نہ آهي، اُن کي ڪڏهن بہ ايشور معاف نٿو ڪري.

مُلڪ پنهنجي سان، جو ڪري ٿو غداري،
آهي سو مهاپاپي، ديش جو ڏوهاري،
نر هجي يا ناري، **'داس'** معاف نہ ڪري مالڪ.

شاعر جوڳين لاءِ چوي ٿو تہ ڇاڪو ماڻهو جوڳن جهڙا ڪپڙا گيڙو پائي جوڳي ٿورئي ٿي وڃي ٿو، دنيا ۾ ڏسو گهڻا ماڻهو فقيري ڪپڙن ۾ بہ نوڳي آهن، در در پنڪي بکيا وني، رات جو نشا ڪن ٿا. پر جوڳي تہ اُهي آهن جنهن جو ايشور سان سچو عشق آهي ۽ جوڳ پچائن ٿا.

جوڳين جهڙا ڪپڙا پائن، اَصل جوڳي نہ آهن،
فقيري ڪپڙن ۾ ملبوس، گهڻا تہ نوڳي آهن،
بکيا گُهرن در در، اَصل نہ جوڳي آهن،
'داس' جوڳي اُهي آهن، جيڪي سچو پچائن تا جوڳ.

(ص-١٩)

شاعر ڪامي پُرش تي ڪروڌ ڪندي چئي ٿو تہ جيڪي اِنسان ڪام جي وس آهن، اُهي ڪُتن سمان آهن، اِنسان جي چولي ۾ اُهي حيوان آهن، اُهي ڪميڻا، شيطان ۽ ڪُڌن ڪرتوتن وارا آهن، تنهن ڪري داس چوي ٿو تہ اي بندا نيڪ ڪم ڪري پنهنجو شان متانهون رَکُ.

ڪاميءَ پرش ڪيترا، آهن ڪُتن سمان،
اِنسان جي جامي ۾، آهن سچ پچ حيوان،
ڪرتوت ڪن تا ڪُڌا، آهن ڪميڻا ۽ شيطان،
'داس' رک پنهنجو شان، ڪري ڪم نيڪ هن دنيا ۾.

(ص-٢٨)

ڪوڙ ڳالهائي ڪنهن کي گُمراهہ ڪرڻ، وڏو پاپ آهي تڏهن شاعر چئي ٿو تہ ڪُوڙ ڳالهائي، ڪنهن جي روح کي نہ پنڪاءِ سدائين منڙي واڻيءَ وارا

(۱)

جي پانئين پڳوان مِلي، ڪڍُ چيڳڙن کي چڪي ٻاهر،
اِن بدمعاش بي حال بڻايا، وير جوڌا بي شمار،
’داس‘ جن ماريا ويري وڪار، تن هوت ڏٺو هردي ۾.

(۲)

جي پانئين ستگر ملي، ڪر ڪيني کي قتلام،
ساڙ حسد نہ رک ڪنهن سان، ڪرمن کي ماري مام،
’داس‘ سهڻو ملي شيام، منڙو مرليءَ وارو.

(۳)

سنسار ۾ رهي ڪري، وڪر سچ جو وهاءُ،
ڪوڙ سندو وکر وئرٽ، نہ تنهن سان لنو لڳاءُ،
’داس‘ سچن مليو شاهہ، ڪوڙن پاتو ڪين ڪي.

(۴)

هٽ وڏائي نہ ڪر، هٽ ڪيرايا ڪيئي مير،
گهمنڊ گهايل ڪيا، سورهيہ، بانڪا ۽ وير،
’داس‘ جن ۾ ڌيرج ڌير، سي نر نهال ٿيا.

(۵)

پري نہ ڳول پرينءَ کي، هوت هٿيڪو تو اندر،
جهاتي پائي ڏس من ۾، دلبر نہ ڪنهن ٻي در،
’داس‘ جنين پرينءَ پچر، گهٽ ۾ ڏسن گهنشيام

شاعر چئي ٿو تہ ايشور کي ناز ۽ نخرا نٿا وڻن، ايشور سان نوري وارو نياز رک، نئڙت ۽ نهٺائي تنهنجا ٻيڙا پار ڪندي. جنهن گهمنڊ ڪيو آهي، اُهو سدائين رُليو آهي، جيئن اُنهيءَ جا جهاز ٻُڏي وڃن ٿا. اي ٻندا توکي رام ريجهائڻو آهي تہ سدائين مِني مُرلي وڄاءِ.

ناز نخرا سڀ ڇڏ، سائين کي وڻي ٿو نياز،
نوري مهاڻي ٿي راڻي، ڄام تماچي جو مٽس راز،
نئورت نهٺائيءَ وارو، رهي دنيا ۾ سدا سرفراز،
گهمنڊ وڏائي ڪن جيڪي، ٻُڏي وڃن تن جا جهاز،
مايا پنيان پٽڪن جيڪي، محبوب ملڻ مُشڪل ڪاڄ،
'داس' جيڪي سهڻا وڄائن ساز، ريجهي رام اُنهن تي.
(ص - ٥١)

ڪُل مِلائي ائين راءِ ڏيندس تہ داس جا ''روحاني رسالو'' توهان جي آتما کي شانتي ۽ آنند بخشيندا، توهان کي جيون ۾ سنتوش محسوس ٿيندي، آخر ۾ هِن جا اَنمول وچن بہ ڪافي ذهن کي جهنجهوڙين ٿا ۽ تاثير ڏين ٿا، داس جو ''روحاني رسالو'' (آتمڪ گيان) ڪتاب هڪ دفعو ضرور پاڻکي پڙهڻ گهرجي ۽ بس.

تاريخ : ٢٠٠٩-١٢-٢ جئرام چمناڻي 'ديپ'

JAIRAM CHIMNANI "DEEP"
"KAMAL KUNJ" Bunglow No. 20/A, Raju Gasleti Gali,
Bunglow Area, Kubernagar, Ahmedabad-382340.
(M) 9327693775

(۱۱)

منو ٻول هرڪنهن سان، ڪڏهن نہ ڪڙو تون ٻول،
مٺڙ ساز سڀ ڪي وڻن، ٻي سُرا وڄاءُ نہ ڍول،
'**داس**' سچا ماڻڪ مول، ڪوڙا ڪاچ ڪيڊ قلب مان.

(۱۲)

اَگيان جي اوندهہ مان، ستگرو ڪري تو پار،
ڏيئي گيان سندو سوجهرو، ڪڍي اَندر مان آپو اَهنڪار،
'**داس**' ڪن دلبر جو ديدار، جيڪي اَندر اوجل ڪن.

(۱۳)

جي پائئين اَلله ملي، رٽ اَکر اَلف جو،
ٻي ٻي ڪنهن نہ ڪم جا، جوٺو نالو جڳ جو،
'**داس**' ڪر سودو سچ جو، ڪوڙا ڏوڙا ويا لڙهي.

(۱۴)

جي پائئين يار مِلي، رکُ يڪي سان ياري،
راڻي سڀ ڪي روهہ ۾ رُلائي، گولي ٿيڻ ۾ آهہ گُلزاري،
'**داس**' جن ٻيائي ڪي ٻاري، ڏٺو محبوب تن من ۾.

(۱۵)

جي پائئين پيچوان مِلي، پهرين پنهنجو پاڻ سُڃاڻ،
جن پاڻ ڪي صحيح سُڃاتو، تن پيئي سائين سندي ڄاڻ،
'**داس**' ستگر جنين ساڻ، ڪاڻ نہ ڪين ڪنهن جي.

(٦)

پرميشور اُنهن پاتو، جن جي اَندر سڪ سچي،
پتنگن جيان پچن سدا، پريم جي باهہ ۾ پچي،
'داس' ڪڏهن نہ ڪن ڪچي، توڙي ڪرن پهاڙ سورن جا.

(٧)

جي پائيين سُکي ٿيان، سنسا سڀ تون ڇڏ،
اَندر ۾ اؤر اَلک ڪي، ٻاهر نہ ڳولهہ تون هڏ،
'داس' سائين سڻي تو سڏ، سِڪَ ڏسي سِڪَ وارن جي.

(٨)

مالڪ وڏو آهہ ڏاتار، ليندو اَهڙو ڪونہ ڪٿي،
اَکُٽ خزانو اُن وٽ، گُهر جيڪي تو کپي،
'داس' جيڪو سڪ سان جپي، پوريون ٿين مُرادون اُن جون.

(٩)

جي پائيين سنگر ملي، ڪر سنتن جو سدا سنگ،
سنگ سنتن جو تاريندو، رام جو لڳندئي رنگ،
'داس' رهجي ويندي دنگ، پسي مورت محبوبن جي.

(١٠)

لوڀ لالچ سڀ ڇڏ، لالچ آهہ بُري بلا،
طمع کي تياڳ تون، نہ تہ کائيندين خوُب ڪلا،
'داس' من محبوب سان ملاءِ، سڦلو ٿئي سفر سنسار جو.

(٢١)

سارا هيون اُن سائين کي، جنهن آهه هيءَ جهان بڻايو،
قادر پنهنجي قدرت سان، ڇا تہ آهہ مانداڻ مچايو!
'داس' سنسار آهہ سهڻو سجايو، پسائي جهلڪ هر چيز ۾.

(٢٢)

جي پائئين مُڪتي مِلي، ڪڍ من مان مدائي جو ماڻ،
پلائي ڪر هرڪنهن سان، تنهن ۾ پلو پنهنجو ڄاڻ،
'داس' نيڪيءَ نينديءَ ساڻ، ٻيو سڀ ڇڏي ويندي هِت.

(٢٣)

وڏا وڏا تلڪ لڳائڻ سان، ترلوڪي ناٿ نہ مِلي تو،
مُنهن تي ڀڀوت مکڻ سان، پولي ناٿ نہ مِلي تو،
دلبر جو درشن ڪري تو، جيڪو هردي ۾ تو هري جپي.

(٢٤)

مايا جي پٺيان نہ رُل، اِها مايا آهہ جيءَ جو جنجال،
سنساري سمپتيءَ گڏ ڪري، هرگز نہ ٿيندي نهال،
'داس' پائيندين دين ديال، جڏهن دوُر رهندين دنيا کان.

(٢٥)

آهين تون اَصل ڪير، پنهنجو پاڻ سڃاڻ،
خوديءَ کڍ اَندر مان، وجود وڃائي پاڻ،
'داس' پرماتما اُن ساڻ، جنهن جي اَندر سِڪ سچي.

(٢٦)

اَنت نہ آهي ٻي اَنت جو، آهہ پاڻ وڏو اَنترجامي،
راز اُن جو پائي نہ سگهيا، وڏا وڏا سنت ۽ سامي.
'داس' ڪيترا نر نامي، لهي نہ سگهيا ڀيد ڀڳون جو.

(١٦)

جي پائئين محبوب مان، ڇڏ جوُنو مايا سندو موهه،
سنساري پدارٿن لاءِ پٽڪن، تيو تن سان کهڙو نه ڊوهه!
'داس' ڪندي تون ڪوهه، جڏهن ويندين هٿان هٿين خالي.

(١٧)

مالڪ آهه وڏو مهربان، تو ڪري مهر سين تي،
ڏيئي نٿو پچاري،شاهوڪار توڙي غريبن کي،
'داس' ٻڌي تو بندن کي، جنين اَندر آهه سڪ سچي.

(١٨)

جي پائئين گوبند مِلي، ڪڍ اَندر مان آپو اَهنڪار،
مان مان کي ڏي نيڪالي، آتما پنهنجي اُجار،
'داس' ديا دِل ۾ ڌار، ته رهين سکي هِت توڙي پرلوڪ ۾.

(١٩)

پريم رک پرماتما سان، جيڪو آهه جڳ جو والي،
سواليءَ جا سوال اَگهائي، ڪنهن کي به نه ڇڏي خالي،
'داس' ميران تي متوالي، منڙي مرليءَ واري پنيان.

(٢٠)

گلا نه جڳائي ڪنهن جي، ڪرڻ گلا آهه وڏو گناهه،
جيڪو ٻين جون خاميون ڏسي، سو سچو پچو نادان آهي،
'داس' اُهو سچو اِنسان آهه، جيڪو پنهنجا اوگڻ ڏسي.

(٣٢)

جي ڀانئين نارائڻ ملي، رک نيت نيڪ ۽ نبار،
سِڪ سائين سندي سيني ۾، ملي تنين محبوب منٺار،
’داس‘ ڌر مَنَ ۾ ڌارمڪ ويچار، ته سُکي رهين سنسار ۾.

(٣٣)

سنگ سنتن جو ڪر سدا، رهه مورکن کان منڙا جُدا،
ڇڏي سڀ گورک ڌنڌا، ڪر ڪرم سڀ نيڪيءَ سندا،
’داس‘ جن جا من ئي مندا، سي ڪيئن پائن پرينءَ کي.

(٣٤)

جي ڀانئين ڀلو پنهنجو، ڪر ٻين سان ڀلائي بندا،
ڀلائي ٻين جي ۾، سمايل آهه تنهنجو ڀلو سدا،
ڪر ڪم ’داس‘ نيڪيءَ سندا، راضي رهي رب تو تي.

(٣٥)

ڀڳتي ڪر ڀڳوان جي، جي چاهين سچو سُک،
ڀڄندو رهه ڀڳوان کي، ڀل کهڙا به اَچن ڏُک،
سائين ۾ ’داس‘ ڀروسو رک، آهه سڀ ڪجهه اُن جي وس.

(٣٦)

من نه لاءِ دنيا سان، هيءَ دنيا آهه بي وفا،
ڪنهن سان نه نڀيه اِها، ڀل تون ڪر ڪيترِي جفا،
’داس‘ ٿي نه ڪڏهن خفا، ڏسي دنيا جي دستور کي.

(٢٧)

جي پانئين ڪلتار ملي، ڪامنائن کي تون ڪٽ،
گهرجون جن جون ٿوريون، سي پهاڙ چڙهن ٿا جهٽ،
'داس' اُنهن جو آهہ وٽ، جيڪي ٿوري تي راضي رهن.

(٢٨)

ستاءِ نہ ڪنهن غريب کي، متان لڳي نہ مُسڪين جي آهہ.
مار نہ ڪنهن جيوَ جنتوءَ کي، اُن ۾ آهہ تو جهڙو ساهہ،
'داس' درد دُکين جو لاهہ، آسيس اُنهن جي توکي اَڏي.

(٢٩)

خالق وسي ٿو خلق ۾، ڪر خلق جي تون خدمت
رب توتي راضي ٿيندو، وڌندي تنهن جي عظمت
'داس' اُهو وڏو بد بخت، جو پيٽ صرف پنهنجو ڀري.

(٣٠)

بنا گيان گروءَ جي، آهہ اِنسان اَنڌو،
پاپ گُناهن جي گپ ۾، گپجي ٿئي ٿو گندو،
'داس' گيان گروءَ سندو، تاري سنسار ساگر مان.

(٣١)

صبر جو ڦل آهہ مٺو، رک ڌيرج تون سدا،
بي صبرا بي حال ٿيڻ، سمجهہ تون اي بندا،
'داس' ڪر تون اَهڙا ڌندا، ڏسي رب راضي ٿئي.

(۴۲)

مورک اُنهن کي سمجهه، جيکي تقدير تي ياڙن،
سمجهدار سي آهن، جيکي تدبير کري چاڙن،
'**داس**' مقدر موچارو ناهن، هٿ پير هلائڻ وارا.

(۴۳)

سڦلو جيون اُن جو، جو محنت تي ياڙي،
همت جي هٿوڙي سان، ڏونگرن کي به ڏاري،
'**داس**' سُکي جيون گهاري،جو کرم کي ڌرم سمجهي.

(۴۴)

ريس نه کر کنهن جي، پنهنجي تي کر شُڪُرُ،
ڏسي ٻين جا بنگلا، ڍاهه نه پنهنجو ککائون گهر،
'**داس**' ڌيرج دِل ۾ ڌر، سڀ ڪجهه سٺائو ٿئي.

(۴۵)

ساڙ نه رک کنهن سان، رهه پنهنجي تي راضي،
حسد ٻين لاءِ رکن، سي هارائن ٿا بازي،
'**داس**' وساري ڇڏ ماضي، مٺان حال هٿان نه وڃي.

(۴۶)

جي ياڻئين سُکي ٿيان، سنساري سُک تون ڇڏ،
رهي کري سنسار ۾، من محبوب سان گڏ،
'**داس**' سائين سُٺي سَڏُ، جيکي سِڪ سان سُمرن سائين کي.

(٣٧)

وقت اَجايو نہ وڃاءِ، سميہ جي قيمت ڪَٿِ،
وَيَلَ ويل نہ موٽي، پل ڪيترا بہ هٽين هٿ،
'**داس**' هڻ سُستيءَ کي لَت، متان پوءِ پڇتائڻو پوي.

(٣٨)

ڪير ڪنهن جو هِت نہ آهہ، ڪير نہ هلندو ڪنهن لار،
ڀائي ڀنڊ ڪٽنب قبيلو، سڀ آهہ مطلب جو يار،
'**داس**' ڪر پريئءَ جي پچار، آڳوتر توکي ڪم اَچي.

(٣٩)

خالي رام رام رٽڻ سان، ملندو نہ مالڪ منٺار،
سچي سِڪ رک سڄڻ لاءِ، جيڪو آهہ سرشتيءَ سرجڻهار،
'**داس**' اَصل نہ وسار، منڙي مالڪ جي نام کي.

(٤٠)

قادر تنهن جي قدرت، آهہ سڀ عجيب يار،
کيل تُنهنجا ڪلاڙي، آهن سمجھہ کان ٻاهر،
'**داس**' مايا تنهن جي اَپرم پار، کهڙي ڪَٿَ ڪريان مان.

(٤١)

ڏسي مايا ٿيءُ نہ مست، آهي مايا ٻُڇڙي بلا،
ڏن پنيان رُلي رُلي، ڪيترن کپايا آهن ڳلا،
'**داس**' ڪائن خوُب ڪلا، موهہ جن جو مايا ۾.

(۵۲)

خوديءَ نہ ڪر ايڏي، جو ڀُلجي وڃين ڀڳوان،
ياد ڪر اُن مالڪ کي، جو سدائين آهہ تو ساڻ،
'داس' پوءِ ٻين جي ڪاڻ، ڪڏهين نہ پوندي ڪا توکي.

(۵۳)

موهہ نہ رک ايڏو مايا سان، جو ڀُلجي وڃين ڀڳوان،
رهي ڪري سنسار ۾، رک ڌڪيءَ جو تون ڌيان.
'داس' گروءَ جوئي گيان، تاريندو توکي هن تار مان.

(۵۴)

مان مان نہ ڪر ڪڏهن، اِها ٿانءِ ٿانءِ آهہ خراب،
اُپ ۾ جو ٽُڪون اُڇلي، اَچيو ڪِرن اُن جي واٽ،
'داس' سمر سائين ڏينهن رات، تہ درشن ٿئي دلبر جو.

(۵۵)

ٻاهر ڳولهين پرينءَ کي، آهن اُهي مورکءَ نادان،
من اَندر وسي محبوب، سمجهن کي ورلي اِنسان،
'داس' ڪڍ اَندر مان اَگيان، تہ درشن ٿئي دلبر جو.

(۵۶)

سِڪ رکن جي ستگر لاءِ، سچي تن من اَندر،
پل ۾ پائن پرميشور، سهڻو شيام سُندر،
گهٽ ۾ سائين جو گهر، **'داس'** پسن پريم وارا.

(٤٧)

جي چاهين سچو سُک، نام اَلک سندو جپ،
ڇڏي عيش آرام کي، ڪر تون تپسيا ۽ تپ،
'داس' پوءِ نہ رهندي ڪپ، دورنگيءَ هن دنيا جي.

(٤٨)

مورک ڏُک نہ سمجھہ ڏُک، ڏُکن ۾ ئي سچو سُک آهہ،
ڪشٽ پل ڪيترا اَچن، دِل نہ ڪڍهن تون لاهہ،
'داس' رَب ملڻ جي راهہ، توکي سورن مان ئي ملندي.

(٤٩)

دنيا سموري پل رُسي، رُسي نہ رسيلو رَب،
عزيز خويش خوش نہ ٿيڻا، پل لُٽائين پنهنجو سڀ،
'داس' گوبند جنهن سان گڏ، تنهن کي ڀيو ڇا ڪپ.

(٥٠)

محبت رک اُن موليٰ سان، آهي سو سنسار جو پالڪ،
هر جيوَ کي رسائي تو روزي، سموري خلق جو آهہ خالق،
ياد ڪر 'داس' منڙو مالڪ، جو سار لهي سڀن جي.

(٥١)

مِتَ مائٽ سڀ مطلبي، پَل گهورين اُنهن تان جان،
ڪائي پيئي خوار ڪن، ڪيترا پل ڪرين متن اَحسان،
'داس' ڏُکن سندو سامان، ملندو توکي موت ۾.

(٦٢)

ماءُ پيءُ کي اَصل نہ ڀُلجو، جن آهہ ڏيکاريو سنسار،
گروءَ جو سدا آدر ڪريو، جنهن ڪيو علم سان ٺمٽار،
’داس‘ سهڻا اِخلاق ۽ آچار، بدلائيندا ڪايا هن ديش جي.

(٦٣)

ڏُکين جي دردن کي جو دور ڪري، سو سڏجي توهان اِنسان،
پکين پسُن جي جو سار لهي، سو آهہ فرشتي سمان،
’داس‘ اُهي نيڪ اِنسان، جي ستايلن جي سار لهن.

(٦٤)

جي ڀانئين ڀڳوان ملي، ڪڍ قلب مان تون ڪٽ،
اَندر کي ڪر تون اُجرو، ساڙي وڪارن سندي وٽ،
پوءِ جڳديش ملي جهٽ، ’داس‘ بنا ڪنهن دير جي.

(٦٥)

پاڪندي ماڻهو آهن گهڻا، چڪر اُنهن جي ۾ نہ اَچ،
ڪوڙا ڪپتي ۽ ڏين دلاسا، سمجهہ نہ ڪڏهن تون سچ،
’داس‘ پار محبت سندو مچ، منڙي محبوب لاءِ من ۾.

(٦٦)

دِل ۾ ڏياءُ تون داتار، جيڪو آهہ جڳ جو والي،
پريل پندار آهن اُن جا، قدرت اُن جي آهہ نرالي،
’داس‘ ڪير نہ موٽي خالي، ڪڏهن دلبر جي در تان.

(۵۷)

مالڪ تنهنجي در تي، آهيون سڀ بيڪاري،
ڏيئي نہ پچارين، اهڙو آهين ديا ڌاري،
’داس‘ دنيا هيءَ ساري، هلي تنهن جي اِشاري تي.

(۵۸)

داتار وڏو آهہ دياوان، سڀ تي تو مهر ڪري،
سواليءَ جا سوال اَگهائي، خالي جهوليءَ تو پري،
’داس‘ جو ڌڻيءَ تي ڌري، ڏک نہ ڏسي دنيا جو.

(۵۹)

ستگر تنهنجي ساراهہ، ڪهڙي ڪريان مان !
قادر پنهنجي قدرت سان، عجيب بڻايو هيءُ جهان،
’داس‘ هزارين تنهنجا نام، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.

(٦٠)

مُلڪ پنهنجي سان، جو ڪري تو غداري،
آهي سو مهاپاپي، ديش جو ڏوهاري،
نر هجي يا ناري، ’داس‘ معاف نہ ڪري مالڪ.

(٦١)

وطن آهہ هرهڪ کي پيارو، رکو وطن جو شان،
مُلڪ پنهنجي مٿڙي تان، گهوريو پنهنجي جان،
جيڪي ديش مٿان قربان، ’داس‘ نالو تن جو ڳائجي.

(۷۲)

شيوڪ رهه سدا سائين جو، آهي سو جڳ جو والي،
هت به توسان گڏ آهه، هت به توسان حالي احوالي،
سِڪ سان سُمرن ڪر، آهي سالڪ سروپالي،
آشا رک اُن ۾، ڇڏيندو نه ڪڏهن خالي،
'داس' ميران تي متوالي، ڀڳون جي پريم ۾.

(۷۳)

سميه جو قدر ڪر بندا، آه سميه وڏو بلوان،
راجا توڙي رنڪ کي، مجٽو آهه وقت سندو فرمان،
اَجاين ڪمن ۾ ڦاسي، وئرت نه وڃاءِ جيون اي نادان!
ٿورو جيئڻ واسطي، پاپ نه ڪر اي اِنسان،
'داس' ڪڏهن نه ڀلجان ڀڳوان، رهي هن سنسار ۾.

(۷۴)

وقت ۽ ويرَ اِهي ٻئي، ڪڏهن نه ڪنهن لاءِ ترسن،
وَيلَ وقت نه واپس اَچي، پل ڪهڙا به ڪرين جتن،
پُرشارٿ جي پاڻيءَ سان، رک آباد جيون سندو چمن،
محنت ڪرڻ وارن تي، رهي راضي سدا ڀڳون،
'داس' اُهي ڏُک نه ڏسن، جيڪي قدر ڪن سميه جو.

(٦٧)

واندو ويهه نه تون ڪڏهن، من واندن جو آه مثل شيطان،
بيڪار ڪان بيگار ئي ڀلي، سمجهي ڪو چتر سجان،
'**داس**' اُهي غم ۾ سدا غلطان، جيڪي هٿ پير نه هلائن.

(٦٨)

سادو رهه سدا سنسار ۾، سادگيءَ ۾ آهه سچو شان،
اَجايا فئشن نه ڪر منڙا، جنهن مان جسم ۽ پئسي جو زيان،
'داس' سي ئي مهان انسان، جيڪي سادگيءَ کي سچو سينگار سمجهن.

(٦٩)

رُل نه تون رڻن ۾، گهر ۾ ئي وينو آهه گهنشيام،
سِڪ سچي رک سيني ۾، جپ تون اُن جو سدا نام،
'**داس**' سهڻو ملي شيام، منڙي مُرليءَ وارو.

(٧٠)

ڇا تي ڪرين تو ايڏو اَيمان، متيءَ جو تہ ماندائڻ آهين،
موهه مايا ۾ ڦاسي، جيون پنهنجو وئرٿ وڃائين،
اَڄ آهين سڀاڻي نه آهين، ڀروسو نه آهه '**داس**' پل جو.

(٧١)

رهي ڪري سنسار ۾، ڪر نه تون ڪم ڪُڌا،
رهت رهه تون اهڙي، جو راضي ٿئي خُدا،
جپ وينو جڳديش کي، رات ڏينهن اي بندا،
ڏُک سُک ۾ مالڪ، نه آهي توکان جُدا،
'**داس**' شاهه ۽ گدا، مالڪ اَڳيان سڀ سمان.

(۷۹)

اَنت نہ آهي بي اَنت جو، ڏيکاري تو کھڙا نہ کيل !
کي هڪ ٻار لاءِ سِڪن، ڪِنِ وٽ ريلم ڇيل،
کي پنڌ پيادا هلن، کي ڪارن ۾ ڪن سيل،
کي بنگلن ۾ عيش ڪن، ڪِنِ جو جهوپڙين ۾ جميل،
'داس' وڇوڙو ءِ ميل، آهہ سڀ مالڪ جي مرضيءَ تي.

(۸۰)

بنا مالڪ محبوب جي، ٻيو ڪم نہ ايندو ڪير،
مت مائٽ سڀ سوارٿي، هردو هريءَ ڏي هير،
اَندر ڪي تون اُجاري، من مان ڪڍ سَڀُ مير،
سائين تو اَندر ويٺو، پري نہ رک تون پير،
'داس' داتار بنا دير، درشن ڏيندو سِڪ وارن کي.

(۸۱)

ڪر ڀڳتي ڀڳوان جي، جيڪو آهہ بندگيءَ جي لائق،
نوڳين اَڳيان متو ٽيڪي، وڃائين تو جيون ناحق،
پوڄا ڪر پرميشور جي، تئي مانک جيون قلدائڪ،
سنگ ڪر سنتن جو، سُهڻي شيام جو ٿيءُ شائق،
'داس' ٿي نہ نالائق، ڏسي در ڌوتارن جا.

(۸۲)

بنا سِڪ سچي جي، ستگُر نہ ڪڏهن ملي ٿو،
بنا تيل گيهہ جي، ڏيئو نہ اَصل ٻري ٿو،
بنا ڪنهن اُدم جي، گاڏو نہ گهر جو هلي ٿو،
بنا ڪنهن سوچ ويچار جي، اِنسان ڏُکي گُذاري ٿو،
'داس' بنا گيان گروءَ جي، نہ ڪو پرميشور پائي ٿو.

(٧٥)

مانپڻي جي مرض کان، رهه تون سدا دور،
مان مان ڪرڻ وارن کي، مليو نه ڪڏهن حضور،
هينائين وٺ وات تون، مٿائين ڏک پرپور،
'داس' ڏک نه ڏسن مور، جن تي مهر مالڪ جي وسي.

(٧٦)

اَنئي پهر اَندر ۾، وينو رام رام رٽ،
نشو نربهه نام جو، چڙهندو تو تي جهٽ،
سنساري ڏک نه ستائيندا، ماڻيندين آنند اَکٽ،
ڀرم وسوسا ويندا نڪري، ٿيندو سچو گيان پرگهٽ،
'داس' اَکيون اَندر جون پٽ، درشن ٿئي دلبر جو.

(٧٧)

ڏنوان پل ڪيڏو به هجين، مالڪ کي اَصل نه وسار،
سچو آهه رام نام جو ڏن، اِهو ستپرکن جو ويچار،
موهه نه رک مايا ۾، دنيوي پدارٿ سڀ بيڪار،
رغبت رک رب سان، تاري توکي ڀؤساگر پار،
'داس' محبوب منو منثار، تاري دليون ڏکين جون.

(٧٨)

مالڪ وينو آهه تو اَندر، پري نه پرينءَ کي ڳولهه،
هوت هتيڪو تو وٽ، فقط دِل جون دريون کول،
اِنساني جيون آهه تو مليو، ڪر اُن جو قدر ۽ مول،
ڦاسي ويندين ڦندن ۾، اَجايو نه پاڻ کي رول-
'داس' جهل پنهنجي جهول، جهولڻ اَڳيان مهر لاءِ.

(٨٧)

وڏائي تنهنجيءَ جو، ڪريان مان ڪهڙو بيان!
آسري تُنهنجي تي، تو هلي هيءُ سارو جهان،
پنڌار تُنهنجا پريل سدا، ڪمي تو وٽ اَصل ڪانه،
ڏيئي، تون نه پڇارين، اَهڙو آهين سُلطان،
'داس' تنهنجو فرمان، ريتي نه سگهي ڪو.

(٨٨)

پريءَ تنهنجو پارُ، ڪير نه لهي سگهيو،
پنڊت پير فقير، ڪنهن کي نه پتو پيو،
سائنسدان به وائڙا ٿيا، دماغ سندن ڪم نه ڪيو،
ڏسي بي اَنت مايا، هرڪو حيرت ۾ پيو،
'داس' سمجهي نه سگهيو، ڏسي کيل خاوند جا.

(٨٩)

جوڳين جهڙا ڪپڙا پاتل، اَصل جوڳي نه آهن،
فقيري ڪپڙن ۾ ملبوس، گهٽا نه لوڳي آهن،
بکيا گهرن در در، اَصل نه جوڳي آهن،
'داس' جوڳي اُهي آهن، جيڪي سچو پڇائن تا جوڳ.

(٩٠)

جي پائئين سُکي ٿيان، رک نارائڻ سان نينهن،
مالڪ جڏهن راضي ٿئي، وسائي مهر پريا مينهن،
'داس' جانب ڏسندين جڏهن، سڪ رکندين سيني ۾.

(٨٣)

سنسار آھ مسافرخانو، رھڻو آھ ڏينھن ٻہ چار،
جيون آھ بي بقا، ڪڏھن ٿو مؤت ٿئي سوار،
جيسين آھين جيئرو، منڙو مالڪ اَصل نہ وسار،
رھي ڪري سنسار ۾، ڦاس نہ مايا ڄار،
'**داس**' ٻيڙا تيندا پار، جڏھن سودو ڪندين سچ جو.

(٨٤)

موھ مايا سندو ڇڏي ڏي، اِھا مايا آھ مھاڄار،
ھتين خالي ھٿان ھلندين، ڪجھ نہ ھلندو تو لار،
پائي پنڌ ڪتنب قبيلو، سڀ مطلب جا يار،
جيڪا پوک ھِت پوکيندين، سائي لُڻندين ھُنَ پار،
'**داس**' اَلک جو نام اُچار، آگوتر توکي ڪم اَچي.

(٨٥)

مايا، ڪايا ۽ عھدو، سدا نہ رھن ڪنھن گڏ،
سنساري شيون سڀ، اَجايو اُن نہ ڪُڏ،
مٿيا شين پنيان، پچاءِ نہ پنھنجا ھڏ،
'**داس**' گوبند اُنھن گڏ، جي سچ جو سودو ڪن.

(٨٦)

منش چولو آھ تو مليو، قيمت سچي اُن جي ڏار.
کوٽن کوٽن خيالن ۾، وئڙت نہ وڃاءِ پنھنجي ڄمار.
جيسين آھين جڳ ۾ جيئرو، مالڪ منڙو اَصل نہ وسار،
پلائي ڪر ھرڪنھن سان، ڏکاءِ نہ ڪنھن کي تون يار،
'**داس**' دلبر جو ديدار، سچي سڪ وارن کي ٿئي.

(٩٥)

اُدم کر تون ايڏو، اوچو پائين آستان،
محنت مزوري ڪرڻ وارا، ڪشت ڏسن ڪڏهن ڪانه.
ڪم کان چرڪڻ وارا، سدا ڏُکي ۽ پريشان،
’داس‘ کٽن مو ڳين کان ميدان، جيڪي ڪم کي ڪرم سمجهن.

(٩٦)

محنت ڪرڻ وارو نر، اَصل نہ ڏُکي گُذاري،
سست ٽوٽي ڪاهل، سدا غمن ۾ گهاري،
همٿ ڪري جو بندو، جيون پنهنجو سُڌاري،
’داس‘ ڏونگرن کي ڏاري، جنهن وٽ هٽوڙو همٿ جو.

(٩٧)

محنت ڪري جو بندو، ناممڪن کي بہ ممڪن بڻائي،
حوصلي ۽ همٿ سان، وک سدا اَڳتي وڌائي،
سُستي ۽ کي جو تياڳي، سو مرد مجاهد سڏائي،
’داس‘ من وانڇت ڦل پائي، جو ڪرم کي ڌرم سمجهي.

(٩٨)

ڪوڙ ٻولي جو نر، ڏوڙ مُنهن ۾ پائي،
ڪنهن کي ڪين وڻي، جِت ڪِٿ گاريون کائي،
ٻڌاڪن ۽ لٻاڙن ۾، جيون پنهنجو وئرٿ وڃائي،
’داس‘ اِنسان اُهو آهي، جو ڪوڙ کان ڪنارو ڪري.

(٩١)

پچار ڪر پرينءَ جي، جو آهي جڳ جو والي،
من گهريا ڦل پاتا، ميران جهڙي متوالي،
'داس' اُهي سدا مالا مالي، نيڻهن جن جو نارائڻ سان.

(٩٢)

مالڪ پنهنجي مهر، هر پراڻيءَ تي ڪري ٿو،
ڏيائي جيڪو جيءَ سان، جهوليءَ تنهن جي پري ٿو،
'داس' اَندر اوجل ٿئي ٿو، درشن پائي داتار جو.

(٩٣)

سمجھ تون سنسار کي، مايا روپي جار،
هڪ دفعو جيڪو ڦاسي، نڪري نہ سگهي ٻاهر،
اوٽ وٺي ايشور جي، سو نڪري ٿئي نروار،
'داس' تن ۾ رک تنوار، جي پسڻ چاهين پرينءَ کي.

(٩٤)

سائين سڀاجهو گهڻو، ڪڏهن نہ ٿجان نراس،
سِڪ سان جيڪي پُڪارن، تن جي پوري ڪري آس،
گڻپتي بابا موريا، ڪري سڀ جا ڪارڄ راس.
شنڪر ڀولي ناٿ، ڪري دُک ڪشٽ سڀ ناس،
جيون آهہ هڪ اِمتحان، تيڻو آهہ اُن ۾ پاس،
هريءَ هريءَ پُڪار 'داس'، سُکي رهڻ چاهين سنسار ۾.

(١٠٣)

سڏائين ٿو نيڪ اِنسان، ڪم ڪرين ٿو ڪُڌا،
ڦاسي لوڀ لالچ ۾، ڪوڙا ڪرين ٿو ڏنڌا،
وساري واليءَ کي، رهين ٿو بي فڪر بندا،
ڪڍي ويچار ’داس‘ گندا، رک من کي سدا اُجرو.

(١٠٤)

ستگر جي ساراهه، ڪهڙي مان ڪريان!
نه زور زبان ۾، ويهي ورڻن ڪريان،
’داس‘ پار نه پايان، تنهن جي بي اَنت مايا جو.

(١٠٥)

پاکنڊ نه ڪر اينترو، ناهه نه نڳين جا ناٽ،
گهڻو ڳالهائڻ مورکُ، گيانيءَ کي وٽي ماٽ،
توري جيئڻ واسطي، گهڙ نه اَجايا تون گهاٽ،
’داس‘ ستگروءَ جو ساٿ، تاريندو توکي هن تار مان.

(١٠٦)

پئسي کي نه سمجهه پرماتما، تيءُ نه پئسي جو داس،
دؤلت پنيان ڊوڙي ڊوڙي، ڪر نه جيون ائين ناس،
رام نام جو ڌن ڪماءِ، اهميت آهه تنهن جي خاص،
’داس‘ منوڪامنا ٿيندي راس، جپيندي جڏهن مالڪ کي.

(٩٩)

سچ نہ بينو تپ، اِها چوٽي سدا ياد رک،
جيکي ٻولين ڪوڙ، ڪڏهن نہ پائن تا سُک،
سچن کي ئي مليو آهي، پل ۾ پيارو اَلک،
'داس' ڏيکار تون جهلڪ، سدا سچ ڳالهائي.

(١٠٠)

ڪر نہ ڪم اَهڙا، جو ٻين کي ڏُکي ڪري،
هلت هل تون اَهڙي، جو سوين سُکي ڪري،
ظلم ۽ پاپ کان، 'داس' بچ تون پري،
جو ٻين جو ڀلو ڪري، سو ئي سُک پائي سنسار ۾.

(١٠١)

سِڪ رک سچي سائينءَ لاءِ، جو سنسار جو آهي سرجڻهار،
ياد ڪر اُن کي رات ڏينهن، جو آهي محبوب منٺار،
مايا سان مَن نہ لاءِ، وڃُن وڃُن ڪاتي مار،
'داس' جيون پنهنجو سُڌار، ڇڏي موهہ مايا جو.

(١٠٢)

هيءُ سنسار آهہ مسافرخانو، نہ آهہ هِتِ ڪنهن جو نڪاڻو،
جوئنو جڳ جوني مايا، ڪوڙو آهہ سمورو فسانو،
سنساري چڪر ۾ ڦاسي، وڃہ نہ گلي ۾ ڳانو،
'داس' توري وقت لاءِ داڻو، توکي آهہ هِت چڱڻو.

(١١١)

رام نام اُچارڻ سان، ملي نٿو رام،
شري ڪرشڻ چوڻ سان، ريجهي نٿو شيام،
بنا پنڌ ڪرڻ سان، ڪير نہ پهچي گام،
’داس‘ سِڪ سان جپ نام، جي پائنين هري ملي.

(١١٢)

سِڪ رکي سيني اَندر، من محبوب سين ملاءِ،
اوجل ڪي اَندر ڪي، تار طالب سان لڳاءِ
آپو اَهنڪار سڀ ڇڏي، ڪروڌ ڪي تون جلاءِ،
’داس‘ ويري وڪار مٽاءِ، تہ پسين پرماتما پل ۾.

(١١٣)

ڪروڌ ڪري تو جيڪو، جيءُ پنهنجو تو جلائي،
ٻين ڪي ڏُکي ڪري، پاڻ بہ سُک نہ پائي،
من ڪي شانت رکڻ، هرڪنهن ڪي جڳائي،
’داس‘ اُهو مورک آهي، جو بنا باهہ تو جلي.

(١١٤)

گلا نہ ڪجي ڪنهن جي، سمجهہ تون اَي بندا!
ٻين جي بُرائيءَ ۾ آهہ، تنهنجي بُرائي سدا،
پرائي ٻچار ڪرڻ، اِهي ڪم آهن گندا،
’داس‘ ڇڏ ڪوٺا ڌنڌا، جي ڏُکي ڪن ٻين کي.

(١٠٧)

ڏن اَهڙو سدا ڪماءِ، جو رهي هميشه تو ڳڻ،
دنيوي پدارٿ هِتِ پيا هوندا، جڏهن ٿيندءِ هتان لڏ،
ڏوڙ سمجهه هن دنيا کي، هڻ نه تون اَجايا هڏ،
'داس' ڏاتار جو ئي ڏڍ، ڏُک تنهنجا دور ڪري.

(١٠٨)

ڏک سکن جي آهه سونهن، ڏسي ڏُک ٿي نه نراس،
ڏک سدا نه رهندا، اَهڙي رک من ۾ آس،
جيون هڪ اِمتحان آهه، ٿيءُ نه اُن ۾ ناپاس،
'داس' اُهي آهن ڦُل پاس، ڏُک سُک ۾ رهن سمان.

(١٠٩)

ڪرم تون ڪندو رهه، ڪهڙو به ملي تو ڦل،
مالڪ ڏاڍو مهربان، جهوليءَ اُن اَڳيان جهل،
ناز نخرو نه وڻي مالڪ، نياز سان تون هل،
'داس' توکي ڪهڙي ڪل، هو ٻاجهارو آهه گهڻو.

(١١٠)

سِڪ رک سائينءَ جي، جيڪا توکي پار اُڪاري،
محبوب اُن کي ملي، ڏٺيءَ جو ڏيان جو ڏاري،
من ۾ جن آهه مدائي، تن کي سچڻ اَصل نه ساري،
'داس' جيڪو من ماري، سو پائي پرينءَ کي.

(١١٩)

جلاءِ نہ پنهنجي جيءَ کي، ڏسي تون ٻين جا مال،
پنهنجي تي تون شُڪر ڪر، خوش رهُ پنهنجي حال،
هاءِ هاءِ اَجائي نہ ڪر، سنسار سمورو آهہ مهاجال،
’داس‘ ڪڏهن ٿو اَچي ڪال، خبر نہ پوندي ڪا توکي.

(١٢٠)

اِنسان تي آيو آهين، ڪرين تو ڪم ڪُڏا،
ٿوري جيئڻ واسطي، آيو آهين هِت بندا،
نيڪي ڀلائيءَ جا ڪم، ڪندو رهہ پيارا سدا،
’داس‘ ڪڍ ويچار گندا، اَندر اوجل تي پوي.

(١٢١)

ديا ڪرڻ ڏکين تي، هر منش جو آهہ ڪم،
ٻين جي ڀلي ڀهتريءَ ۾، آهہ پنهنجو ڀلو هردوم،
ٿوري سوارٿ واسطي، ڪر نہ پاپ ۽ اَڌرم،
’داس‘ ڪندو رهہ نيڪ ڪرم، رهي هن سنسار ۾.

(١٢٢)

دنيا آهي ساري جوئي، ڇڏ دنيا جي تون تات،
ياد ڪر اُن هڪڙي کي، جو آهہ ترلوڪي ناٿ،
هِت بہ آهہ توسان گڏ، هُت بہ آهہ هُن جو ساٿ،
’داس‘ اُن جي ئي پرتاپ، هلي ٿو دؤر دنيا جو.

(١١٥)

داتار جهڙو دلدار، ملندو نه ڪڏهن ڪٿي،
لُٽي ڏيئي خزانو، وري ڪونه پڇي،
ڪاءُ پيءُ پل ڪيترو، پيو پيو پاڻ وڌي،
'داس' اصل نه کُٽي، ڏنل ڏن ڏاتيءَ جو.

(١١٦)

مورک ڪيڏ اندر مان، موهه مايا سندو،
ڦاسي دنيوي ڦندن ۾، ڪر نه پاڻ کي گندو،
رس نه رک - ڀوڳن ۾، ٿيءُ ڀڳوان جو بندو،
'داس' ڪر اهڙو ڌندو، جنهن ۾ ٽوٽو نه پوي.

(١١٧)

نه ٻڌ پرائي ڳالهه، ڳالهه ڪرڻ وڏو گناهه،
پرائي ٻچار ۾، وٺ نه آنند اٿاهه،
ويهي ڪري اندر ۾، جانب لاءِ جوتيءَ جلاءِ،
'داس' رک لالڻ سان لڳاءُ، ته آنند پائين الوڪ.

(١١٨)

وقت بيڪار نه وڃاءِ، آهه سميه وڏو ٻلوان،
وير ۽ وقت نه ميڙيندا، ڪنهنجو ڪوبه فرمان،
آلس نه ڪر ايتري، ٿئي تنهن مان نقصان،
سستيءَ کي هڻ لت جوان، وقت آهه 'داس' وڏو بادشاهه.

(١٢٧)

دؤلت پنيان ٻوڙي، کيليو نہ اَهڙا کيل،
مايا اَچڻي وڃڻي، سدا نہ رهي ميل،
گُناهہ پاپ جو ڪري، پوڳڻا پون ٿا جيل،
'داس' ڇڏيو نہ من ڇيل، متان اوڙاهہ ۾ نہ اُڇلائي.

(١٢٨)

جي پائڻين پنهنجو ڀلو، ڪر نيڪيءَ سندا ڪم،
موت ۾ ملي يا نہ ملي، نہ ڪر تون ايڏو غم،
ڀلائيءَ جا پاڙا توکي، ڏيندو ڏاتار هردم،
'داس' ڪندو رحم ڪرم، سدا ٻين جي ڀلي واسطي.

(١٢٩)

ٿانءَ-ٿانءَ نہ ڪر ايڏي، اِها مان مان توکي مارينديي،
ڏاهو نہ سمجهہ ايڏو، اِها ڏاهپ ڪم نہ ايندي،
هل هيٺائين وات تون، مٿاهين ڪڏهن ڪيرائيندي،
'داس' نِوڙتَ نهال ڪندي، توکي هن سنسار ۾.

(١٣٠)

جسماني صفائي ڀل رک، رک نہ من کي ميرو،
صاف سُٿري من ۾، سدا پرماتما جو پيرو،
ميري گندي من ۾، ڏاتار جو اَصل نہ ڏيرو،
'داس' مالڪ اُنهن نيڙو، جيڪي سڪ رکن سيني ۾،

(١٢٣)

سُٺا آهن پيارا اُهي، جي سدا نيڪ ڪم تا ڪن،
نيڪ ڪم ڪرڻ سان، ٿئي تو من سدا پرسن،
ٻين جي ڏُک ۾ ڏکي، ٻين جي سُک ۾ سرها رهن،
'داس' اهڙا پل ڄمن، جيڪي جيئن سدا ٻين لاءِ.

(١٢٤)

جيئرو آهين جڳ ۾، رک سائينءَ جي طلب،
دنيا جيءَ جو جنجال، عزيز فريب نہ بنا مطلب،
رام نام اُچاري، ٻار اَندر جو بلب،
'داس' صاف شترو قلب، هجي سدائين بندي جو.

(١٢٥)

سوارٿ رک نہ ايڏو، ٿيءُ نہ مطلبي يار،
ڏسي مال ٻين جو، ڳِڳون تون نہ هار،
ڪمايل پنهنجي ڏن ۾، ڪر ٻين کي ڀہ حصيدار،
'داس' ٿيندءِ ٻيڙا پار، سنسار مها ساگر مان.

(١٢٦)

ڪاميءَ پرش ڪيترا، آهن ڪُتن سمان،
اِنسان جي جامي ۾، آهن سچ ٻچ حيوان،
ڪرتوت ڪن تا ڪُڌا، آهن ڪميٽا ءِ شيطان،
'داس' رک پنهنجو شان، ڪري ڪم نيڪ هن دنيا ۾.

(١٣٥)

دنيا ۾ اي مسافر، توکي ٿورو وقت رهڻو آهي،
هر جيو جي سوچ ڀلائي، اِنسان نيڪ توکي ٿيڻو آهي،
رهي ڪري دنيا ۾، موهه مايا کان بچڻو آهي،
'داس' ڀڳون جو ڀڄن ڪرڻو آهي، جي چاهين مارگ مُڪتيءَ جو.

(١٣٦)

من ڪڏهن به ميرو نه رک، اُتپن ڪري گندا ويچار،
اِڇائن تي ضابطو آڻ، جيئن ستائن نه ويري وڪار،
من ڪيو جن قابو، تن جي جيون باغ بهار،
'داس' لوڀ، موهه ۽ اَهنڪار، تڙي ڪڍ تمام اَندر مان.

(١٣٧)

من آهي گهڻو چنچل، ويراڳ سان وس ڪجي،
من آهي گهوڙي مثل، لغام جنهن جو ڇڪي رکجي،
من کي جن رکيو ڇيڪ، تن جو ڏٺي ڏوريءَ نه هجي،
'داس' من جو غلام نه ٿجي، آهه ويري وڏو اِنسان جو.

(١٣٨)

راوڻ جلائڻ سان، ڪڏهن نه ملي رام،
وڏا تلڪ لڳائي، اَصل نه پائين گهنشيام،
مٿو مندرن ۾ ٽيڪڻ سان، ملي نه سُندر شيام،
'داس' جپيندو رهه منڙو نام، محبوب ملڻ واسطي.

(١٣١)

گيروءَ رتا ڪپڙا پائڻ سان، ملندو نہ محبوب مٺار،
ڀڀوت لڳائي بدن تي، پائيندين نہ پريتم يار،
جٽائون شنائون وڌائڻ سان، رب نہ راضي ٿئي هڪ وار،
'داس' ڪر داتار جو ديدار، رکي سِڪ سچڻ لاءِ.

(١٣٢)

عيب ڏسو سڀ پنهنجا، ثواب ڏسو سڀ پرايا،
اوگڻ ٻين جا ڏسڻ، اِهي ڪم آهن اَجايا،
گڻ ٻين جا گرهڻ ڪري، ڪريو پل جيون جا پل سجايا،
'داس' ڪنچن تن جي ڪايا، جيڪي رام جي رنگ ۾ رنگجن.

(١٣٣)

سنگروءَ جو جنين سات، ڏک کان رهن سي دور،
دنيوي پدارٿن ۾، موهہ نہ لڳائن مور،
من سدا شانت رهي، جنين پرينءَ سندو پور،
'داس' نارائڻ جو نور، پسن پنهنجي هردي ۾.

(١٣٤)

جوت جڳائي اَلک جي، رک تن ۾ تکي تنوار،
اَندر ڪر تون اُجلو، لاهي سڀ گند غبار،
رهي ڪري سنسار ۾، ڦاس نہ سنساري جار،
'داس' ٿيندا ٻيڙا پار، رکندي سک ساجن لاءِ.

(۱۴۳)

سنسار ۾ رهي ڪري، سمجھ نہ سڀ سچ،
ڪوڙي مايا، ڪوڙي ڪايا، سنسار آھ مثل ڪچ،
محبوب منڙو تو ملندو، جڏھن ٻاريندين محبوب سندو مچ،
’داس‘ پريم ۾ وڃنو پچ، پرينءَ پائڻ واسطي.

(۱۴۴)

جي ڀانئين ڀڳوان ملي، ڇڏ تون اَجايا ڏنڌا،
ٻُرائي نہ ڪنهن جي جڳائي، ويچار مور نہ رک گندا،
دنيا آهي سڀ دغا ۽ دولاب، ڪوڙا آهن سڀ ڌنڌا،
’داس‘ ڪر سچ سان پريم بندا، ڪوڙ نڳيون سڀ ڇڏي.

(۱۴۵)

سُک ۾ هرڪو ساٿي، ڏُک ۾ ڪير نہ ڪنهن جو،
آس نہ رک دنيا جي، دستوُر دنيا جو نہ آھ سچو،
وشواس رک سائينءَ ۾، ڪلتار ڪنهن نہ ڪچو،
رام جي رنگ ۾ ’داس‘ رچو، شانتي چاهيو جي من جي.

(۱۴۶)

اوجل ڪر اَندر کي، ڪڍ سڀ گند ۽ غبار،
من کي رک صاف سُٿرو، ڪر پرينءَ جي پچار،
دوئي دغا سڀ ساڙي، ٻيائي کي تون ٻار،
’داس‘ رک نيڻهن نبار، نيلي ڇتريءَ واري سان.

(١٣٩)

ڏياريءَ جا ڏيئا ٻارڻ سان، ڏاتار نہ ملي ٿو،
ٻم ڦٽاڪا ڦوڙڻ سان، ڪلتار نہ ملي ٿو،
مٺايون ورهائڻ سان، منٺار نہ ملي ٿو،
'داس' ديالو داتار ملي ٿو، اندر ۾ جوت جلائڻ سان.

(١٤٠)

اَنئي پهر اَندر ۾، وينو جڳديش جَپُ،
ورتي من جي شُڌ رک، سائينءَ کي اُن جي کَپَ،
اَهڙي هلت نہ هل، جنهن مان نڪري خراب ڏپ،
'داس' اَرپي ڇڏ سڀ، ستگُروءَ جي چرڻن ۾.

(١٤١)

جيون تو ملي آهي، غفلت ۾ نہ گُذار،
منش چولو تو مليو آهہ، جلوو تنهنجو ڏيکار،
مايا سان موهہ نہ رک، آهي بي وفا غدار،
'داس' رک نينهن نبار، منڙي مالڪ لاءِ من ۾.

(١٤٢)

ستگروءَ جهڙو شاهہ، ملڻ آهہ ڏاڍو اولو،
اَندر ۾ جيڪي اُوڙن، سائين ملڻ تِنِ سولو،
دنيا گڏ ڪرڻ آهہ، اَجايو ڀرم ۽ ڀولو،
'داس' اِهو منش چولو، بيڪار نہ ڪر باتين ۾.

(١٥١)

ٻلاءِ نہ تون ڀڳوان، جنهن آهہ سنسار بڻايو،
مٺا تون هن جڳ ۾، اِنسان بڻجي آهہ آيو،
مايا سندي موهہ ۾، پنهنجو پاڻ کي آڙايو،
'داس' وقت بيڪار وڃايو، ڪوڙ ڪچ ڪمائڻ ۾.

(١٥٢)

سمجهہ سچي سائينءَ کي، ڪري سڀ جو پلو پرتار،
من ملاءِ مالڪ سان، آهہ ديالو وڏو داتار،
مهر جا سدا مينهن وسائي، ڪري جو پريم سان پڪار،
'داس' ڪرائي ڀو ڀؤساگر پار، ڏسي سِڪ سِڪ وارن جي.

(١٥٣)

بنا سِڪ سائين جي، ٻيو سڀ آهہ ڪوڙ،
ڇڏي ڏي اَجايا ڏنڌا، دنيا آهي، سڀ ڏوڙ،
رهي ڪري سنسار ۾، پڇاءِ نہ تون اَجايا پور،
'داس' دلبر اُن کان دوُر، جيڪو سنساري سواد ماڻي.

(١٥٤)

خالي پُستڪ پڙهڻ سان، نہ بڻجي ڪو پنڊت پير،
واعظ وڏا ڪرڻ سان، نہ ٿئي ڪو ملان فقير،
ڀُلل سڏائن پاڻ کي، آهن اَصل هچارا حقير،
'داس' نہ آهہ ڏيرج ڏير، پنهنجي ڪِل ۾ خوش رهن.

(١٤٧)

هٺ وڏائي تو نہ جڳائي، ڪڍ خوديءَ کي ٻاهر،
گهمنڊ گهڻا گهايل ڪيا، سوچ سمجهہ تون يار،
هل تون حليمائي سان، آڪڙ اَصل نہ ڏيکار،
'داس' ايشور تنهنجو آڌار، جو وات وني هيٺائين.

(١٤٨)

وڪارن کي ڇڏ نہ ڇوٽ، وڪار آهن ويري وڏا،
وڏن-وڏن ويرن جا، تباهہ ڪري ڇڏيا تڏا،
پيانڪ اِنهن پوتن، ڪيا ڪيترن جا جيءَ جڏا،
'داس' اُڏاءِ اَڙٻنگن جا اَڏا، تہ سُکي رهين سنسار ۾.

(١٤٩)

آسيس وٺ وڏن جي، دُعا وڏن جي تاري،
سُهڻو سلوڪ مائٽن سان، دِل اُنهن جي ٺاري،
پِتَ پاراتو مائٽن جو، اَولاد سُکي نہ گُذاري،
'داس' جو ماءُ پيءُ کي ڌاري، ڏينهن ڏُکيا اَصل نہ ڏسي.

(١٥٠)

محبوب سان من ملاءِ، رک تن ۾ تکي تنوار،
من ۾ وسي تو مالڪ، آهي نہ ڪنهن ٻي پار
پريو پسڻ چاهين، آتما کي تون اُجار،
'داس' جونو آهي جڳ يار، تن نہ لاهہ تنهن ساڻ.

(١٥٩)

ستگر کي کر ياد، ڏينهن توڙي رات،
ڀڳتي کر ڀڳوان جي، تن ۾ رک تون تات،
حوالي کر سڀ حبيب جي، اِها ڀلي سمجھ بات،
'داس' جنين سپرين سات، سرها رهن سي سنسار ۾.

(١٦٠)

سِک بنا ساجن، مُشکل توکي ملي،
جانب جو درشن کري، جو جيءَ اَندر جلي،
هوت اُن جي هٿ ۾، جو هينائين وات هلي،
'داس' پرينءَ اُن جي پلي، سِک جنهن کي سيني ۾.

(١٦١)

نندا نہ کر کنهن جي، جي سڏائين سمجھدار اِنسان،
پرائي پڇر کرڻ وارا، آهن سڀ نسورا نادان،
پلو کندو رهہ پين جو، آهہ اُن ۾ تنهنجو شان،
'داس' بڻج نہ شيطان، ڏکائي دليون پين جون.

(١٦٢)

جڳ سارو آهي فاني، کنهن سان نہ رک موهہ،
توري جيئڻ واسطي، کرين تو پاپ ۽ ڏوهہ،
'داس' نہ کر کنهن سان دوهہ، جي چڱائي پنهنجي چاهين.

(١٥٥)

جهڙي پوک پوکيندين، اهڙي تون لُڻيندين،
اک لڳائي تون، انب اَصل نہ پائيندين،
ٻرو ڪري ٻين جو، پنهنجو پاڻ کي ڏاهيندين،
پوءِ تون 'داس' پڇتائيندين، جڏهن ويندين هتان هيڪلو.

(١٥٦)

مورک ڇڏ تون آلس، ٻَڌُ همت سندو سندرو،
محنت ڪري ڏينهن رات، ڪر جسم پنهنجو جبرو،
دور هٽي ويندا ڏُکڙا، ياڳ بڻجندو سيرو،
'داس' سوئي جڳ ۾ سڦرو، جو همت اَصل نہ هاري.

(١٥٧)

تيز ڪر تون تدبير، مقدر پاڻيهي نهندو،
همت جي هٿوڙي سان، ڏونگر ڏُکن جو ڀڃندو،
اُدم ڪرڻ سان توکي، من مانگيو ڦل ملندو،
'داس' ڏکيو ڏينهن نہ ڏسندو، جيڪو ڪرم کي ترم سمجهي.

(١٥٨)

ڪرم تون ڪندو رهہ، اِڇا ڦل جي نہ رک.
ڏيئي نہ پچار تون، اِهو سبق تون سِک،
هلندو گڏ ڪجهہ ڪونہ، هجن پل هزار لک،
'داس' چشڪو وينو چک، چڱائيءَ جي ڪمن جو.

(١٦٨)

ڏِلون ڏس سڀ پنهنجون، ڏس سدا ٻين جا ڳُڻ گان،
خاميون خراب تو ۾، رک اُنهن جي منڙا ڄاڻ،
ڳُڻ گرهڻ ڪر ٻين جا، جي سمجهي پاڻ چتر سڄاڻ،
’داس‘ وٺ گروءَ جو گيان، جي ڀلو چاهين پنهنجو.

(١٦٩)

وقت جو منڙا قدر ڪر، سميه آهه وڏو ٻلوان،
سُستيءَ ڪي هڻ پُٺي، تي نه غفلت ۾ غلطان،
تتيءَ تڏيءَ ڪاهه، ته منزل ٿئي آسان،
’داس‘ ڏُکي اُهي اِنسان، جيڪي سميه کي نه سُڃاڻن.

(١٧٠)

جنهن تي ديا ڪري ڀڳوان، سو سچو پچو آهه ڏنوان،
نام نڌيءَ جو گڏ ڪري، آهي سو مهان اِنسان،
’داس‘ پائي هرهنڌ مانُ، سدا اَهڙو نيڪ بندو.

(١٧١)

روئي رڙي تي راڌڪا، ڪرشن ڪنعيا جلد آءُ،
گوپين سان گڏ راند ڪر، موهن مکڻ وينو کاءُ،
’داس‘سهٽي سُندر شيام لاءِ، پيئي واٽ نهاري راڌڪا.

(١٧٢)

سُمرن نه جيڪي هريءَ نام، جيون تن جو آهه بيڪار،
نينهن لڳائن جي نام سان، تِنِ جي سدا آهه جئه جئڪار،
’داس‘ جوتو آهه سنسار، رک نه موهه تون ايترو.

(١٦٣)

محبت رک من ۾، نفرت کي نه ڏئي جاءِ،
پيار سان پيار وڌي، نفرت پڙڪائي تي باھ،
'داس' لاڳاپا سڀ لاھ، جوني ھن سنسار کان.

(١٦٤)

گھمنڊ نه ڪر ايترو، آھين مٽيءَ جو مانڊاڻ،
موھ مايا ۾ اُلجھي ڪري، رُلاءِ نه پنھنجو پاڻ،
ڪيترا ڏھاڙا ھت ھوندين، آھي ڪا توکي ڄاڻ؟
'داس' پنھنجو پاڻ سڃاڻ، جي پسڻ چاھين پرينءَ کي.

(١٦٥)

سدا ٻول منڙا ٻول، واڻيءَ ۾ پيارا ميناج گھول،
ڪوڙ سوڙ ڳالھائي، روح نه ڪنھن جو رول،
'داس' زبان آھڙي ڪول، جيڪا ھرھڪ کي وڻي.

(١٦٦)

ڪمائي ڪوڙ جي منڙا، ڪم نه ايندي اي بندا،
سچ جو ڪر تون سودو، ڇڏي ڏي بيڪار ڌنڌا،
'داس' جن جا ڪم گندا، سي نه پائن پرميشور کي.

(١٦٧)

'داس' رک ڌيرج، ڦل صبر جو آھ منو،
بي صبرا بازي ھارائن، ڌيرج وارن دلبر ڏنو،
وات ھينائين ونو، مٽائين ۾ مارجن ڪيترا.

(۱۷۸)

روئي روئي راتيون، جيڪي سِڪ ۾ گذارن،
پريم رکي اَندر ۾، پرينءَ جون واٽون نهارن،
’داس‘ سي راڻل کي ماڻن، روح جن جي رغبت آلاهي.

(۱۷۹)

منڙي پنهنجي زبان تي، ٻاٽي آهڙي تون اُچار،
هڪ نام رک سدا ياد، ٻيو پل سڀ تون وسار،
اَنئي پهر اَندر ۾، اُڪير ايشور لاءِ ڏيکار،
’داس‘ هردو ٿئي نار، هريءَ نام سُمرڻ ۾.

(۱۸۰)

ڪري سگهو تہ ڀلو ڪريو، بُرو نہ ڪنهن جو سوچيو،
ٻين کي ڏُکي ڪري، پاڻ کي خوش نہ ڪريو.
جيڪي ڪن ٿا بُرائي، اُنهن کي بہ توهان روڪيو،
ٿوري جيئڻ واسطي، پاپي نہ پاڻ کي بڻايو،
’داس‘ نيڪي ۽ پُنُ ڪمايو، رهي هن سنسار ۾.

(۱۸۱)

آتنڪ مچائڻ آهہ پاپ، آتنڪ ڦهلائڻ وڏو گناهہ،
نردوش ماڻهو مارڻ، آهڙو ٻيو اَنياچار نہ آهہ،
ظلم سندو گهوڙو ڊوڙائي، اَنت اُن جو خراب آهہ
’داس‘ اُهو حيوان آهہ، جو هاجي ٻين کي رسائي.

(۱۷۳)

اَجاين لڦژن ۾ اَچي، سُندر جيون نہ وڃاءِ،
ڪم اَچي پرلوڪ ۾، اَهڙي تون پُونجي ٺاهہ،
'داس' لنوَ لالڻ سان لڳاءِ، ڇُٽي پوين چوراسي چڪر مان.

(۱۷۴)

من ملاءِ محبوب سان، جي چاهين سچي مُڪتي،
دنيا سان ايڏي دِل نہ لڳاءِ، ڪر ڀڳوان جي ڀڳتي،
'داس' سُک سنساري سڀ وقتي، موهہ نہ رک منڙا ايترو.

(۱۷۵)

ڪوڙ جي ڪمائي توکي، ڪم نہ ايندي اي بندا،
سچ جي ڪمائي ڪندو رهہ، ڇڏ سڀ تون گورک ڌندا،
'داس' جن جا ڪم گندا، سي مشڪل پائن پرميشور.

(۱۷۶)

'داس' رک ڌير ۽ ڌيرج، ڦل صبر جو آهہ مٺو،
بي صبرا بازي هارائن، ڌيرج وارن دلبر ڏٺو،
سدا حليمائيءَ سان هلو، وات مٺاهين مشڪلاتن واري.

(۱۷۷)

ستگروءَ جو جنين سات، سُور نہ سهن سي بندا،
هر حال ۾ مست رهن، گُل هجن توڙي ڪنڊا،
'داس' سڪندو ئي رهہ سدا، دلبر جي ديدار لاءِ.

(١٨٦)

مالڪ تو در جو آهيان مان بيڪاري،
مهر ڪر مون تي، اي پولي ناٿ پنداري،
هلي اِشاري تُنهنجي، هيءَ سرشتي ساري،
آهيان تنهنجي در جو، سدا داس مان مُراري،
ديالو آهين داتار، ڪر ڪلياڻ تون ڪرتاري،
'داس' وڃان مان ٻلهاري، مالڪ تو محبوب تان.

(١٨٧)

قدرت قادر تُنهنجي، آهي سڀ پڇ مهان،
اِشاري تُنهنجي تي، هلي پيو هيءُ جهان،
جتِ ڪِٿ پيو پسان، تنهنجو جلوو ۽ شان،
آهين تون هرڪنهن تي، موليٰ گهڻو مهربان،
اِنسان ذات تي، آهن تُنهنجا لکين اَحسان،
رهي **'داس'** دربان، در تُنهنجي جو سدا.

(١٨٨)

ڏمري جڏهن ڏاتار، ڪارو قهر برپا ڪري،
ڌرتيءَ جي ڌوڏن ۾، ڪيتري خلق تي مري،
ٻوڏن جي راڪن ڪارڻ، ٻيئل فصل سمورو سڙي،
طوفان زوردار اَچن، جان مال جو نقصان ڪري،
مهاماريءَ مُنهن ڪڍي، ڪيترن جو صفايو ڪري.
لڙايون جتِ لڳن، لکن ۾ تي خلق مري،
ڏڪار ڏيهه ۾ اَچن، چوپايو مال ٻُڪ مري،
'داس' سنگُر سُک ڪري، ساري هن سنسار ۾.

(١٨٢)

ڀلو چاهي سڀ جي ڀلائي، ٻرو ڪري تو سدا ٻرائي،
اِنسانيت جو ڌرم پاليو، اُن ۾ ئي آهه چڱائي،
غريب مِسڪين جي مدد ڪرڻ، آهه اُن ۾ ڀل ڀلائي،
’داس‘ جن ٻين لاءِ دِل لڳائي، سي نر نهال ٿيا.

(١٨٣)

مالڪ آهه سڀن جو ساڳيو، نالا نارائڻ جا اَپار،
ڌرم آهن اَلڳ-اَلڳ، گهر ساڳيو سڀن جو يار،
روپ آهن جدا جدا، هڪ ئي جوت سڀ ۾ جلويدار،
خلق ۾ تو خالق وسي، جڳ جو سهڻو سرجڻهار،
’داس‘ نائي نيڻ نهار، پرين نہ آهه پري توکان.

(١٨٤)

سالڪ تون سچو سائين، دنيا جو سڏائين تو،
هرحال ۾ رهبر تون، پنهنجي جوت پسائين تو،
ڏاتار تون سڀن جو، مينهن مهر جا وسائين تو،
رازق تون رحمان، روزيءَ سڀ کي رسائين تو،
ديالو داتار آهين تون، هرهڪ جي آس پڄائين تو،
’داس‘ پل ۾ لاهين تو، ڏُکڙا دردمندن جا.

(١٨٥)

سچائي سندو ٻڏ سندرو، ڪوڙ کان رهه تون پري،
ڪوڙا ڏوڙا اُڙهي وڃن، سچو سنسار ساگر تري،
’داس‘ مالڪ نہ اُن کان پري، جو سچ جو وکر وهائي.

(۱۹۲)

ڏُک ۾ ڪجي صبر، سُک ۾ ڪجي شُڪر،
ڏُک سُک ۾ پيارا، تيئي آه هرهڪ جي پوري عمر،
مُشڪل ڏسي نہ گهٻرايو، ڇڪي ٻڌو پنهنجي ڪمر،
همت جي هٿوڙي سان، ٺاهيو جيون پنهنجو بهتر،
نيڪيءَ ڪري دنيا ۾ ڪريو نالو پنهنجو اَمر،
'داس' اُنهن جو ٿِرو حشر، جيڪي بديون ڪن بي شمار.

(۱۹۳)

اؤر وينو اَلک کي، جيڪو آهہ عالم جو ڌڻي،
مالڪ آهہ وڏو ٻاجهارو، مهر ڪري سڀ تي گهڻي،
دنيوي پدارٿ ڪم نہ ايندا، ڇڏ سنسار مان موهہ ڪٽي،
اِڇائن کي لڳاءِ آگ، من کي موچڙو هڻي،
'داس' جيڪا واهہ گُروءَ وڻي، تنهن تي راضي رهڻو آهہ.

(۱۹۴)

ننڊون نہ ڪر نادان، سمھڻ آهہ سراسر ساڙو،
رام نام وينو سدا جپ، لاهوتين ڏانهن رک لاڙو،
هيءُ سنسار نہ رهندو، سدا تُنهنجو وتاڻ واڙو،
'داس' پرينءَ سندو پاڙو، ملندو توکي سِڪ سچي سان.

(١٨٩)

مالڪ ڪري مهر، هرهنڌ ليلا لهر،
وسن مينهن ملوڪڙا، ڳاهه اَناج جا ڍير،
هاري ناري خوش تين، چؤطرف آنند ۽ خير،
’داس‘ هردو هري ۽ ڏي هير، تہ آنند پائين اَلوڪ.

(١٩٠)

جنم وٺي جو جڳ ۾، اُن کي تہ نيٺ مرڻو آهہ،
سنساري سفر پورو ڪري، پرم ڌام ڏي وڃڻو آهہ،
هي ۽ مايا ڪايا سڀ جوٺي، ڀروسو اَصل نہ ڪرڻو آهہ،
رهي ڪري دنيا ۾، وکر سچ جو وهائڻو آهہ،
پاپ اَڌرم سڀ ڇڏي، ڪرم ڌرم تي هلڻو آهہ،
من ملين کي ماري، اَندر کي اوجل ڪرڻو آهہ،
’داس‘ جيون سڦلو ڪرڻو آهہ، ڀڳتي ڪري ڀڳوان جي.

(١٩١)

جي آهين نيڪ اِنسان، ڪر اِنسانيت ڀريا ڪم،
حياتي بي بقا آهي، هڪ نہ تون اَجايا دم،
ڀلو ڪر سڀن جو، اِهو ئي آهہ وڏو ڌرم،
وات وٺ سچ جي، ڪوڙ کان ڪر عار شرم،
ڪم تون ڪندو رهہ، پاڻيهي ٿيندو تنهنجو ڪرم،
’داس‘ سڦلو اُن جو جنم، جو سدا ٻين لاءِ جيئي.

(۱۹۸)

حليم ٿي هل سدا، هٺ نہ ڪر هيترو بندا،
غرور ۾ غلطان ٿيا، اَنڌ ۾ ٿيا صفا اَنڌا،
رب رُسي اَهڙن تي، جن جا ڪم آهن گندا،
اِنسان جي سڏائين، تہ ڪر پال ڀلايون سدا،
مدد ڪر مسڪينن جي، لوڪ ٿئي تو تي فدا،
’داس‘ ڪر فرض پنهنجا اَدا، رهي هن سنسار ۾.

(۱۹۹)

وقت ويو جيڪو گُذري، ياد ڪندي ڪجهہ نہ ورندو،
هلندڙ سميہ کي اَهميت ڏي، فائدو ضرور توکي ٿيندو،
ايندڙ وقت ۾ رهہ سُجاڳ، گهربل قُل اوس ملندو،
سُستيءَ ۾ جو رهي سدا، جيون اُن جو وئرٿ ويندو،
’داس‘ جو پل پل جو قدر ڪندو، سو ڏُک نہ ڏسندو ڪڏهن.

(۲۰۰)

سچو سنگ آهہ سنتن جو، جيڪو سنسار مان تاريندو،
سنگ ڪُلچٽن جو، سُٺن کي بہ ڪاريندو،
گيانيءَ وٽ رهڻ سان، گيان اَندر ۾ پرگهٽ ٿيندو،
سائينءَ کي سُمرڻ سان، اَنڌيرو اَندر جو گهٽجندو،
’داس‘ ڌيائيءَ جي دوستيءَ ۾، من هريءَ ڌيان ۾ لڳندو.
’داس‘ دلبر جو ديدار ڪندو، جيڪو سچ سان سينو لڳائي.

(١٩٥)

خدمت خلق کان وڌ، آهي نہ ٻي ڪا بندگي،
اِنسان تي آيو آهين، ڪر سڦل پنهنجي زندگي،
هتين خالي هٿان لڏندين، ڪير نہ ٿيندو ساٿي سنگي،
'داس' ويندين پار لنگهي، جپيندي جڳهن جڳديش کي.

(١٩٦)

وٺ اوٽ اَلله جي، جو آهي سڀ جو نگهبان،
هزارين هٿن جو ڌڻي، آهي مهان شڪتيمان،
پرتاب اُن جي ئي سان، هلي پيو هيءُ سارو جهان،
ڏيڻ جو آهي ڏاتار، ڏيئي ٻچاري اَصل کانہ،
سو سالن جا ڏُکڙا، هڪ لمحي ۾ لاهي سُلطان،
دين ڏُکين جو داتار، قدرت تنهنجي آهہ مهان،
هر چيز ۾ آهہ پڌرو، موليٰ تنهنجو شان،
رهي 'داس' جو ڌيان، سدا محبوب منٺار ۾.

(١٩٧)

سنتوش جهڙو ڌن، آهي ڪن ٿورن وٽ،
ٿوري تي راضي رهن، سچ پچ اُنهن جو آهہ نٽ،
ڏُک ڏسي جيڪو روئي، سو آهہ مورک وڏو چٽ،
ڪشٽ سهي سرها رهن، سنساري چاڙهي چڙهن جهٽ،
'داس' اَکيون اَندر جون پٽ، درشن ٿيئي دلبر جو.

(٢٠٤)

ساهس ڪري اَڳتي وڌن، بازي بانڪا مارين ٿا،
همت هاري ويهي رهن، بزدل بازيءَ هارن ٿا،
منهنجي اِها ڳالهہ نہ آهي، سنت درويش ائين چون ٿا
صحت جن جي سالم، مؤج جيون جي ماڻن ٿا،
بيمارين کان رهن بچيل، جيون خوش خورم گُذارن ٿا،
اَندر آتما اوجل ڪن، ’داس‘ سي پرم پد پائن ٿا.

(٢٠٥)

ڳائڻ چاهيو جي توهان، روز هريءَ گُڻ ڳايو،
هريءَ هريءَ ۾ آنند اَپار، ڏينهن رات اِهو ماڻيو،
جپ نہ گسجي ذرا بہ، رام نام جي رٽ لڳايو،
من کي ايڪاگر ڪري، ڌڻيءَ ۾ ڌيان لڳايو.
گيان گروءَ جو گرهڻ ڪري، اَگيانين جو اَگيان مٽايو،
’داس‘ پريم سندو ساگر پلٽايو، هرهڪ جي جيون ۾.

(٢٠٦)

جيون هڪ اوسر آهي، اَجايو نہ اُن کي وڃايو
جيون هڪ سنگرام آهي، جلوو پنهنجو ڏيکاريو،
جيون هڪ اِمتحان آهي، پاس ٿي اُن ۾ ڏيکاريو،
جيون هڪ سفر آهي، مؤج مزي ۾ ماڻيو،
جيون هڪ وردان آهي، سِڪ سان تنهن کي سويڪاريو،
جيون هڪ ڪٿا آهي، ٻوڌ اُن جو سڀ کي ٻڌايو،
’داس‘ جيون هڪ گيت آهي، سُر سان ڳائي سڻايو.

(٢٠١)

جيڪو سچ ڳالهائي، سو ايشور کي پائي،
ڪوڙ ٻولڻ وارو نر، اَنمول پنهنجو جيون وڃائي،
سنساري پدارٿن جو شائق، وڃ سير ۾ غوطا کائي،
سچ جو سودو جو ڪري، اَکنڊ آنند اوس پائي،
من ۾ محبت جو مچ ٻاري، رسيلي رام کي ريجهائي،
’داس‘ جو ڏٺيءَ کي ڏيائي، ڏينهن نہ ڏسي ڏکيو ڪڏهن.

(٢٠٢)

مڃين نہ جيڪي مالڪ کي، ناستڪ سي سڏائن،
ايشور ۾ آهہ جن جو صدق، سي سچا آستڪ آهن،
پري سمجهن پريَن کي، اُهي پٺارا ڀليل آهن،
’داس‘ جيڪي هري ڀڄن ڳائن، سي تري وڃن تارمان.

(٢٠٣)

ڏنوان ڪان گيانيءَ ڀلو، جو ٻئي کي ڏئي گيان،
گيان سان گيان وڌي، نہ ٽوٽو نہ نقصان،
دين دُکين جي سار لهن، سي آهن مهان اِنسان،
هر ڳالهہ ۾ سوارٿ ڏسن، سي آهن نالائق نادان،
ديا دان جهڙو ٻيو، آهي نہ دنيا ۾ اَهڙو دان،
’داس‘ جنين سنگرو ساڻ، سي ڪاڻ نہ ڪڍن ڪنهن جي.

(٢١٠)

ناز نخرا سڀ ڇڏ، سائين کي وڻي ٿو نياز،
نوري مهاڻي تي راڻي، جام تماچي جو مٿس راز،
نئوڙتَ نهنائيءَ وارو، رهي دنيا ۾ سدا سرفراز،
گهمنڊ وڏائي ڪن جيڪي، ٻُڏي وڃن تن جا جهاز،
مايا پنيان پِٽڪن جيڪي، محبوب ملڻ مُشڪل ڪاج،
'داس' جيڪي سهڻا وڃائن ساز، ريجهي رام اُنهن تي.

(٢١١)

پرينءَ سندي پياس، رک سدا تون من ۾،
طالب لاءِ تنوار، سدا رک تون تن ۾،
مالڪ تو اَندر آهه، ڪڏهن نہ پٽڪ بن ۾،
مايا مايا جيڪي ڪن، رُلائن پاڻ کي رڻ ۾،
جلوو ڏيکاري جلويدار، ذري ذريءَ ڪڻ ڪڻ ۾،
'داس' خاوند ملي ڪن ۾، سمرن جيڪي سِڪ سان.

(٢١٢)

بنا سوارٿ ڪريو، غريب ڏُکين جو ڀلو،
خدمت خلق جي، خوشيءَ سان ڪندا هلو،
ڏسي ڏُک دنيوي، مُنهن نہ ڪريو ڀلو،
ڏُک توڙي سُک ۾، چهرو چمڪائيندا چَلو،
مالڪ آهي مهربان، جهولي اُن اَڳيان جهلو،
'داس' پايو پريم جو پلو،مالڪ جي مهر لاءِ.

(٢٠٧)

گيان جا ديپ جلائي، اَگيانتا جي اونده هٽايون،
سنتن جي اَنمول وچنن کي، سڀ هردي سان هنڍايون،
اَنڌ وشواس کي ڇڏي، سچ جي راھ اَپنايون،
جهيڙا جهٽا سڀ ڇڏي، سُک شانتيءَ ۾ گذاريون،
پريم جي پرساد ورهائي، محبت ۽ ميناج وڌايون،
'داس' ڪنهن کي نہ رنجايون، ڏيون سهارو ڏکويلن کي.

(٢٠٨)

جيون آھ اَنمول بندا، ائين اَجايو نہ وڃاءِ،
سوين جوڻين بعد مليو، اَهميت سمجھ اُن جي اَتاھ،
رام نام جو ڌن ڪمائي، جيون پنهنجو سُندر بڻاءِ،
من ۾ رک محبت سدا، ڪنهن کي ڪين رنجاءِ،
نيت رک تون نبار اَدا، مير من جو سڀ مٽاءِ،
'داس' هينئين سان هنڍاءِ، اَنمول وچن سنتن جا.

(٢٠٩)

متيءَ جو آهين پُتلو، آخر متيءَ ۾ ئي ملڻو آھ،
مال اَسباب سڀ هِت رهندا، ڪجھ نہ گڏ هلڻو آھ،
عزيز قريب ڪم نہ ايندا، نيڪيءَ جو ناڻو ملڻو آھ،
ڪُڏا ڪرتوُت جيڪي ڪيا، حساب مالڪ کي ڏيڻو آھ،
'داس' مانُ اُنهن کي ملڻو آھ، جيڪي خدمت ڪن خلق جي.

(٢١٧)

پاپ نہ ڪر اي پاپي، توري جيئڻ جي واسطي،
منش ديهہ ملي آهہ، هري ڀڄن جي واسطي،
آيو اَڪيلو ويندين اَڪيلو، ڪير نہ هلندو لار.
ڀائي ٻند ڪٽنب قبيلا، سڀ آهن مطلب جا يار،
نيڪي ڪري دنيا ۾، جيون پنهنجو سُڌار،
ٻيڙا ٿيند ئي پار، جڏهن رٽيندي رسيلي رام کي.

(٢١٨)

محبت جن جي من ۾، متي تن جي موچاري،
نيڪيءَ سندا ڪم ڪن، پريم جا اِهي پوڄاري،
ڪنهن کي ڪين ستائين، هرڪنهن سان رکن ياري،
ترس کائن ڏکويلن تي، ڏين دردمندن کي دلداري،
رهي ڪري سنسار ۾، پوئين نہ چڪر سنساري،
’داس‘ ڀلو ڪري ڀولي ڀنڊاري، آهڙن پريمي پيارن جو.

(٢١٩)

پريم ڪر سڀن سان، ورهاءِ پريم سندي پرساد،
پريم ئي آهہ پرماتما، وڄاءِ پريم جو پيارا ناد،
پريم ئي آهہ سچي پوڄا، ڪر دليون ڀين جون شاد،
’داس‘ ڪر اَندر پنهنجو آباد، ڏيئي پريم سندو پاڻي.

(٢١٣)

چنتا نہ کر ايڏي، چنتا آهہ چتا سمان،
مُشڪل ۾ تيءُ نہ مايوُس، تي نہ دُک ۾ پريشان،
دُک کي سُک سمجهہ، جيون تن جي آسان،
سُکن ۾ سائين وسارن، سي نسورا نادان،
'داس' ياد ڪندو رهہ ڀڳوان، دُک توڙي سُک ۾.

(٢١٤)

خزانو جو خرچيو ٻين لاءِ، سو هلندو توسان گڏ،
ڪنو ڪيل ڌن مال، هلندو توسان نہ گڏ،
مايا جي نشي ۾، تيءُ نہ وڃ ايڏو مد،
'داس' گوبند جنين گڏ، سي سدا سرها رهن.

(٢١٥)

سمجهو سياڻا آهن سي، تکن نہ ڪڏهن ڪنهن جي مال کي،
سدا سُکي اُهي گذارن، رهن خوش پنهنجي حال تي،
ٻين جي مرغيءَ ڏسي، خوش رهن ٿا ڇڊيءَ دال تي،
'داس' چلوڻي چال تي، هرک نہ هرگز اُهي هارن.

(٢١٦)

من ۾ ڪنهن لاءِ ٻہ، رکجي نہ مدائي،
هرڪنهن سان ڪجي، نيڪي ۽ ڀلائي،
ٻين جي ڀلي ۾ آهہ، پنهنجي ٻہ چڱائي،
'داس' ڪر جيون سجائي، ڪري نيڪ ڪم دنيا ۾.

(٢٢٤)

مهما گروءَ جي، آهي اَپار،
گرو آهي گيان سندو پندار،
ڪجي سنتن جي پروچنن تي ويچار،
متائي تو گرو اَگيان سندو اَنڌڪار،
وڃائي تو، گيان سندي جهٽڪار،
’داس‘ ڏيکاري چمتڪار مورک کي منتن ۾.

(٢٢٥)

اَيمان نہ ڪر مايا جو، مايا جيءَ جو جنجال،
هيءَ مايا ڪايا سڀ بي پروسي، چلوڻي آهي تنهن جي چال،
دنيا پنيان جيڪي پتڪن، تن جو ڏسو تا بُرا حال،
’داس‘ اُهي مالامال، هردي جن جي هريءَ وسي.

(٢٢٦)

سنسار ۾ رهي ڪري، ڪندو رهہ نيڪ ڪاريہ سدا،
چڱائيءَ جو ڦل چڱو ملندو، سمجهہ تون اي بندا،
اُهي سدا ڏُکي رهن، جن جا آهن ڪوتا ڌنڌا،
ڪر فرض ’داس‘ پنهنجا اَدا، رهي هن سنسار ۾.

(٢٢٧)

گروءَ جي گيان تي، جو نر عمل ڪري،
اوندهہ اَگيانتا سندي، هتي تئي پري،
سوجهرو گيان جو، گهٽ اَندر گهڙي،
’داس‘ مورک مهان بڻي، گيان جي سوجهري سان.

(٢٢٠)

ڏس دلبر اَهڙو ڪماءِ، جو رهي سدا تو ڳڏ،
ڪاٽي ڪوڙي ساڻ نہ هلي، جڏهن تيندي هتان لڏ،
سنساري سُکن ڪارڻ، رول نہ پنهنجا تون هڏ،
’داس‘ ڪوٺا ڏنڌا ڇڏ، جي پسڻ چاهين پرينءَ کي.

(٢٢١)

کيتي ڪر تون اَهڙي، جو سدا رهي آباد،
ٻِجَ ڇَٽِ سچائيءَ سندا، ڪميا جو وجهہ کاڌ،
پاڻي ٻهاريندو رهہ پريم جو، تنهن برڪت ۽ واڌ،
’داس‘ اُهي سدائين شاد، جيڪي پوک پوکين تا اَهڙي.

(٢٢٢)

سنسار هڪ سپنو آهہ، اَٽل اعتبار ڪر،
وساري ڇڏ ديو کي، نج آتما سان پيار ڪر،
سپنو سچو لڳي، جيسين اِنسان ننڊ ۾ هجي،
ديهہ جڳت لڳي، جيستائين اِهو ڀرم نہ ڀڄي،
ستگرن جاڳائي تو، پيارا جاڳي ديدار ڪر.
سنسار هڪ سپنو آهہ، اَٽل اَعتبار ڪر.

(٢٢٣)

چمڪي سپ چاندي ڀاسي، نوڙيءَ لڳي نانگ جاني،
ريت چمڪي ڏُوپ ۾، ريگستان بہ لڳي جل پاڻي،
مايا بہ ائين دوکو آهہ، اِن کان تون اِنڪار نہ ڪر،
سنسار هڪ سپنو آهہ، اَٽل اعتبار ڪر.

(٢٣٢)

اَندر کي کر تون اُجرو، من مان کڍ تون مير،
رهي کري سنسار ۾، هردو هريءَ ڏي هير،
پل پل ياد کر پرينءَ، پوچا نہ رک تون پير،
رات ڏينهن پيارا، مالها محبوب سندي ڦير،
نيڪيءَ ۽ پُنج جا، کماءِ تون وڏا ڍير،
واندي ويهڻ جي، اِها نہ آهي وير،
اَندر جون اَکيون پٽ، آهين اَصل تون کير،
سنساري بندنن ۾، پاڻ کي نہ پيارا گهير،
’داس‘ پوءِ بنا کنهن دير، ديدار کندين دلبر جو.

(٢٣٣)

سُٺو سمجهين پاڻ کي، سهٽا ٻول تون ٻول،
جيکي شبد اُچارين، پهرين اُنهن کي تول،
ڪڙو ٻولي کنهن سان، روح نہ کنهن جو رول،
ميناج پنهنجي واٽيءَ ۾، سدائين تون گهول،
سهٽا ساز سڀ کي وڻن، بي سُرا وڄاءِ نہ ڍول،
سِک رکي سائينءَ ۾، سچا ماڻک موتي مول،
موه نہ رک سنسار ۾، آهي سڀ پولم پول،
واعدا کيا جيکي واليءَ سان، پورا کر پنهنجا قول،
پرينءَ پسڻ چاهين، اَندر جون دريون کول،
جهولڻ اَکِيان پنهنجي جهول، ’داس‘ ڦهلاءِ مهر ميا لاءِ.

(٢٢٨)

سنسار ۾ رهي ڪري، چڱا ڪر تون ڪم
نيڪ ڪم ڪرڻ، آهه پيارا تُنهنجو ڌرم،
ڪوڙا ڪم ڪري، بگاڙ نہ پنهنجو منش جنم،
اَجايا وسوسا ۽ ڀرم، ’داس‘ ڪڍي ڇڏ قلب مان.

(٢٢٩)

جيڏو تنهنجو نام، ايڏي ڪرين تو ڀاڄهہ،
جيڪي دِل سان ڌيائن، تن جا پورا ڪرين تو ڪاڄ،
سڀ ڪجهہ تُنهنجي هٿ ۾، هرهنڌ هلي تُنهنجو راڄ،
ڪن کي تو پار اُڪارين، ڪن جا تڏا ڪرين تاراج،
سالڪ وڏو سرتاج، ديا ڪري دُکين تي.

(٢٣٠)

پئسي ڪمائڻ کان بهتر، نالو دنيا ۾ ڪماءِ،
دنيوي پدارٿ ڪنهن ڪم جا نہ، هردو هريءَ سان لڳاءِ،
جڳ ۾ رهي ڪري، جوتيءَ جانب لاءِ جڳاءِ،
ٻين جا مال ڏسي، جيءُ پنهنجو نہ جلاءِ،
’داس‘ من محبوب سان ملاءِ، ڏُک نہ ڏسين دنيا ۾.

(٢٣١)

هريءَ کي ڀول مت ڀائي، مالڪ کي ياد ڪر ڀائي،
ڀڄن ڪري ڀڳوان جو، سنتن اَمراپور پائي،
مايا سان من نہ لڳاءِ، ٻين جا مال ڏسي دِل نہ ڏکاءِ،
’داس‘ لَنو لالڻ سان لاءِ، شانتي ملي من جي.

(٢٣٨)

سچائي ۽ سادگي، آهي سچو سينگار،
ڪوڙ ڳالهائي منڙا، ڪريو نہ جيون بيڪار،
پريم پريو هرهڪ سان، ڪريو توهان وهنوار،
ڏکويو نہ ڪڏهن ڪنهن کي، لهو ستايلن جي سار،
'داس' پريم سان ڪريو پڪار، منڙي مالڪ جي مهر لاءِ.

(٢٣٩)

هر پراڻيءَ سان رک پيار، سڀ ۾ جيءُ آهہ تو جهڙو،
جهڙي پوک پوکيندين، ڦل ملندو ئي پيارا اهڙو،
'داس' اُهو ڪم نہ جهڙو، جو ڏک رسائي ٻين کي.

(٢٤٠)

ڪٿ جن جي قلب تي، مشڪل پائن پرميشور،
صاف سُتري آتما ۾، آهي گروءَ جو اَصل گهر،
مَنُ جِنِ جو ميرو، اَصل نہ ملي منٺار،
'داس' اُهي ڪن دلبر جو ديدار، اَندر جن جو آهہ اوجل.

(٢٤١)

سوارٿ پنهنجو نہ ڏسو، ٻين لاءِ بہ ڪجهہ ڪريو،
جيڪي صرف پنهنجو پيٽ پرين، جيون اُنهن جو ٿيو اَجايو،
ٻين جي ڀلي لاءِ، جن پنهنجو پاڻ ارپيو،
'داس' سڦلو جيون ٿيو، اَهڙن اِنسانن جو.

(٢٢٤)

سنتوش جهڙو دنيا ۾، نہ آهي ٻيو ڪو ڌن،
مايا سان اي مورک، رک نہ ايڏو من،
لوڀ لالچ ڪري، تپاءِ نہ پنهنجو تن،
’داس‘ سُکي سي سڄڻ، جيڪي پنهنجي خوش رهن.

(٢٢٥)

لوڀ لالچ نہ ڪر منا، طمع آهہ تکي تلوار،
موهہ مايا ۾ اَڙيا، تن جا سِرَ ڌڙ کان ڌار،
توري ۾ راضي رهن، تن جي جيون بهار،
’داس‘ تيءُ نہ ايڏو خمار، ڏسي ڏيڍ ڏن دؤلت جا.

(٢٢٦)

داتار تُنهنجي ديا جي، آهي مون کي درڪار،
مهر ميا جو مالڪ آهين، ڪر بيڙا منهنجا پار،
دُکين دردمندن جو، آهين تون آڌار،
ڏيئي نہ ٻچارين، اهڙو آهين دلدار،
آهين سڀاجهنو ستار، دور ڪر دُڙا ’داس‘ جا.

(٢٢٧)

رهي ڪري سنسار ۾، دل دنيا سان نہ لڳايو،
موهہ مايا جي چڪر ۾، پاڻ کي نہ پيارا ڦاسايو،
سنساري گند گپ ۾، ڪڏهن پير نہ پايو،
ڪنول جي گُل مثل، سدا نرليپ رهي ڏيکاريو،
توري تي راضي رهو، گهرجون گهٽيون گهٽايو،
من کي سدا رکو قابو، اَجاين اِڇائن ۾ نہ پاڻ کي اَڙايو،
’داس‘ گوبند جا گُڻ ڳايو، سچو سُک پائڻ واسطي.

(٢٤٥)

سنتن جي واٽي، سدا هنئين سان هنڊاءِ،
درويشن جي وچنن تي، من پنهنجو لڳاءِ،
اَمرت روپي واٽي ٻڌي، اَندر کي اوجل بڻاءِ،
جوتي جانب لاءِ جلاءِ، **'داس'** پنهنجي دِل اَندر.

(٢٤٦)

جڳ ۾ آيو آهين، ڏُک توڙي سُک ۾ گهارڻو آهي،
سميہ آهي وڏو ٻلوان، حڪم تنهنجو پالڻو آهي،
وقت جي اَهميت نہ سمجهي، ڏُکي تنهن کي ٿيڻو آهي،
ٻچپن جواني ويئي هلي، هاڻ ٻڍاپو جالڻو آهي،
ديهہ ڏجي ٿي، گوڏن تي هٿ رکي اُٿڻو آهي،
ڪارن مان اَچا، اَچن مان ڀورا، سميہ جو سڏ اونائڻو آهي،
ننڊون نہ ڪر ٻيلي، هروقت سُجاڳ رهڻو آهي،
ڪانهي ويل ويهڻ جي، تنيءَ ڏڌيءَ ۾ ڪاهڻو آهي،
ويسر ۾ وقت وڃايئہ ڪيترو، باقي وقت جو قدر ڪرڻو آهي،
جيون جن وئرٿ وڃايو، **'داس'** تن کي،پوءِ پڇتائڻو آهي.

(٢٤٢)

من کي سدا رک شُڌ، نِيّتَ رک نيڪ نبار،
پلو ويچار ٻين جو، سهڻو ڪر سڀ سان وهنوار،
من ۾ ڪنهن لاءِ رک نه مدائي، ڪر نيڪيءَ سندا ڪم ڪار،
'داس' ڪر دلبر جو ديدار، ڏکائي ڏيل ٻين واسطي.

(٢٤٣)

ڀارت ديش آهه اَسان جو، مُلڪ پنهنجو سمجهون مهان،
ديش جي خوشحاليءَ طرف، ڌريون اَسان سڀ ڌيان،
وطن جي واسطي، گهوريون پنهنجي جان،
چمڪايون ڀارت ديش جو، دنيا ۾ نالو ۽ نشان،
جهنڊو جهولايون هند جو، اوچي اوچي آسمان،
پوري سنسار ۾ وڌايون، ديش جو مرتبو مانُ،
'داس' ڏيون پنهنجا پراڻ، منڙي مُلڪ واسطي.

(٢٤٤)

ٻولڻ چاهين ته ٻول، سدا منڙي ٻولي،
زبان تي رک ضابطو، هڻ نه ڪنهن کي زهر ڀري گولي،
ٻارن کي نيڪ ٻلوان بڻائي، ماءُ جي منڙي لولي،
سُريلا ساز سڀ کي وڻن، وڃاءِ نه بي سُرا ڍول ڍولي،
'داس' لڳي نه ڪنهن کي اولي، ڀاشا آهڙي سدا ٻول.

پاٺڪن لاءِ

روحاني رسالن ۾، آهه سمايل آتمڪ گيان،
پڙهي پيارا پريم سان، ڏيندا پاٺڪ سڀ ڌيان.

اِهي ڪائڻ جا نہ آهن، هيئين سان هنڊائڻ لاءِ آهن،
زبان کي چشڪو نہ ڏيندا، آتما کي اُجارڻ لاءِ آهن.

گيانيءَ جو گيان وڌندو، اَگيانيءَ جي اَگيانتا دور ٿيندي،
قلب تي چڙهيل ڪٽ لهندو، پياري پرميشور جي ڄاڻ پوندي.

بازاري نهيل رسالا، آهن صحت لاءِ هاڃيڪار،
اِهي روحاني رسالا، آڻيندا توهان جي جيون ۾ بهار.

هڪ هڪ ڪري پيارا، روحاني رسالا پڙهندا،
پڙهي پريم سان پيارا، روح کي راحت ڏيندا.

وڪار آهن سڀ ويري، تباهہ ڪيا ڪيترن جا تڏا،
روحاني رسالا پڙهي، اُڏايو اَڙٻنگن جا اَڏا.

روحاني رس سان، پريل آهي هڪ هڪ رسالو،
پريم سان پڙهي پيارا، **’داس‘** مانک جيون ڪريو سڦلو.

(٢٤٧)

ديش پنهنجي سان، جيڪي ڪن غداري،
اهڙا انسان سڏجن، ديش پنهنجي جا ڏوهاري،
مُلڪ پنهنجي سان، آهه ڏيڪارڻي هرهڪ کي وفاداري،
جن کي محبت نه آهه مُلڪ سان، سي آهن ديش لاءِ خواري،
محنت ڪري تڙي ڪڍو، مُلڪ مان بُک ۽ بيماري،
سُکي رهي هر ماڻهو، ملي هرهڪ کي روزگاري،
'داس' ديش جي جوابداري، آهه سڀ پارتواسين مٿان.

(٢٤٨)

دنيا ۾ آيو آهين، جيئڻو ئي توکي پوندو،
زندگي ملي آهه اَگر، زهر ته پيئڻو ئي پوندو.
هي ۽ دنيا آهه مسافرخانو، هرهڪ کي هتان لڏڻو پوندو،
خالي هٿين تون آئين، خالي هٿين هتان هلڻو پوندو.
ڏک ڏسي تي نه ڏکي، ڏک ۾ صبر سُک ۾ شُڪر ڪرڻو پوندو،
ڏک سُکن جي آهي سُونهن، اهڙو سڀ ميڙڻو ئي پوندو،
دنيا آهي سڀ مطلبي، ڪير ڪنهن کي مدد نه ڪندو،
ڪاڪا ماما سڀ چوڻ جا،
'داس' پنهنجي گهوڙي نشو ڪرڻو پوندو.

اُٿ اي بندا

اُٿ اي بندا، ڪر تون ڪمائي،
ويل وڃي پيئي، تُنهنجي اَجائي.

۱- سنساري چڪر ۾ آهه تو پاڻ کي ڦاسايو،
پريوءَ پياري کي تو آهه سڀ ڀڄ ڀُلايو،
خالي هٿين هِتان لڏندين ڀائي،
اُٿ اي بندا، ڪر تون ڪمائي، ويل...

۲- دنيا دورنگيءَ کان رهه تون دوُر،
پرينءَ لاءِ وينو سدا پڇاءِ پور،
سنگتي ساٿي نه ٿيندا ساهي،
اُٿ اي بندا، ڪر تون ڪمائي، ويل...

۳- ڏينهن رات رٽ رسيلو رام،
رام نام سان ٿيندو ڪلياڻ،
ڪر تون سڀ سان ڀال ڀلائي،
اُٿ اي بندا، ڪر تون ڪمائي، ويل...

۴- هيءُ سنسار آهه، ٻن ڏينهن جو ميلو،
لڏڻو پوندو توکي هتان اَڪيلو،
رک نه آس ’**داس**‘ دنيا جي اَجائي،
اُٿ اي بندا، ڪر تون ڪمائي، ويل...

جيون اَنمول

(۱)

جيون مليو اَٿيئي اَنمول،
ريتيءَ ۾ نہ تنهن کي رول،
صحيح سمجھہ تون اُن جو مول،
صبح شام وٺو هري ٻول.

(۲)

جڳ ۾ آهين ڏينهن ٻہ چار،
اَلک جو پيارا وٺو نام اُچار،
ڌن دؤلت ڏي دِل نہ ڏار،
مالڪ ڪندو تنهنجا ٻيڙا پار.

(۳)

ڪڍ من مان تون گند ۽ مير،
پويان نہ ڪر تون پريوءَ ڏي پير،
هردو هريءَ ڏي منڙا هير،
داتار ملندءِ بنا ڪنهن دير.

(۴)

مايا سان ايڏو من نہ لڳاءِ،
ڀڳوان کي پيارا اَصل نہ ڀُلاءِ،
دنيوي پدارٿن پنيان پاڻ کي نہ رُلاءِ،
رام نام روپيءَ **'داس'** ڌن تون ڪماءِ.

٨- ستي سدا ست واري آهي، پرميشور کي اِها پياري آهي،
سچ جي وات سدا اَپنايون، اَچو تہ پتن جي راند رچايون،
گيان پتن جو سڀ کي سٽايون.
٩- چڪي چيگڙن کي دڳ لڳائي، ڇهن شاسترن جو گيان ٻڌائي،
اهڙو گيان هردي سان هنڊايون، اَچو تہ پتن جي راند رچايون،
گيان پتن جو سڀ کي سٽايون.
١٠- پنجليءَ کي ٿا سڀ ڏکارن، کيترن کي کيو برباد وکارن،
اَهڙن دُشتن کان پاڻ بچايون، اَچو تہ پتن جي راند رچايون،
گيان پتن جو سڀ کي ٻڌايون.
١١- چوڪيءَ کي سڀ چِت ۾ لايون، چئن ويدن جو سار ٻڌايون
اَهم اَهنڪار سڀ مِٽايون، اَچو تہ پتن جي راند رچايون،
گيان پتن جو سڀ کي سٽايون
١٢- ٽکيءَ آسان جي اَندر ۾ آهي، اُن تي چڙهيل گند لاهڻو آهي،
آتما کي اوجڻ بڻايون، اَچوتہ پتن جي راند رچايون،
گيان پتن جو سڀ کي سٽايون
١٣- ٻکي ٻيائي کي ڇڏيون ٻاري، دوئي دغا سڀ ڇڏيون ساڙي
اَهڙيءَ بلا کان پاڻ بچايون، اَچو تہ پتن جي راند رچايون
گيان پتن جو سڀ کي سٽايون.
١٤- اِهو آهي تيرهن پتن جو گيان، ڏريو تنهن تي توهان ڌيان،
اَهڙي رمت رمي ''داس'' رام ريجهايون، اَچو تہ پتن جي راند رچايون
گيان پتن جو سڀ کي ٻڌايون.

ناس جي تيرهن پٽن جو آتمڪ گيان

اَڇو تہ پٽن جي راند رچايون، پٽن جو گيان سڀ کي ٻُڌايون

١- يڪو پٽن جو سردار آهي، سنسار جو هڪ ئي سرجڻهار آهي،
تنهن کي اَصل نہ ڀُلايون، اَڇو تہ پٽن جي راند رچايون،
گيان پٽن جو سڀ کي ٻُڌايون.

٢- من اسان جو بادشاهہ آهي، جيئن چاهي تيئن هلائي،
تنهن تي لغام لڳايون، اَڇو تہ پٽن جي راند رچايون
گيان پٽن جو سڀن کي سُڻايون.

٣- هيءَ راڻي بي ڀروسي آهي، ڪيترن کي تي رڻ ۾ رُلائي
تنهن سان گهڻو نينهن نہ لڳايون، اَڇو تہ پٽن جي راند رچايون
گيان پٽن جو سڀ کي ٻُڌايون.

٤- گولو غلام گُلزار آهي، هرڪنهن جي شيوا لاءِ تيار آهي،
ڏڻيءَ در گولا ٿي گذاريون، اَڇو تہ پٽن جي راند رچايون
گيان پٽن جو سڀ کي سُڻايون.

٥- ڏهلي تي سڀ ڏيان ڏريون، پنج ڪرم پنج گيان اِندريون،
هنن تي پنهنجي پڪڙ ٻڌايون، اَڇو تہ پٽن جي راند رچايون
گيان پٽن جو سڀ کي ٻُڌايون.

٦- نولي سڀ کان نرالي آهي، نو نڏين واري متوالي آهي،
تنهن سان من مِلايون، اَڇو تہ پٽن جي راند رچايون.
گيان پٽن جو سڀ کي ٻُڌايون.

٧- اَنلي سڀ کان عقل واري آهي، اَنن رڏين واري راڻي آهي
تنهن مان ڪجهہ تہ پرايون، اَڇو تہ پٽن جي راند رچايون
گيان پٽن جو سڀ کي ٻُڌايون

اَنمول وچن

١- ٻوليو تہ صبح شام هريءَ هريءَ ٻوليو

٢- هيريو تہ هريءَ ڏانهن هردو هيريو

٣- ڏسو تہ پنهنجا اَوگڻ ڏسو

٤- وساريو تہ وير دشمني وساريو

٥- گرهڻ ڪريو تہ گُڻ ٻين جا گرهڻ ڪريو

٦- ڳائو تہ سدا گُرُ ڳائو

٧- ڪارايو تہ ٻُکايل کي روٽيءَ ٽڪر کارايو

٨- پيياريو تہ اُڃايل کي ٿڌو پاڻي پيياريو

٩- پيئو تہ آيل پنهنجو غصو پيئو

١٠- ڏيو تہ غريب مسڪين کي دلداري ڏيو

١١- ساراهہ ڪريو تہ ٻين جي ساراهہ ڪريو

١٢- گلا ڪريو تہ پنهنجي نِڪا ڪريو

١٣- اوجل ڪريو تہ پنهنجي اَنتر آتما اوجل ڪريو

١٤- وٺو تہ هرڪنهن جي دِل وٺو

١٥- ورهايو تہ پريم روپيءَ پرساد ورهايو.

١٦- ماريو تہ چنچل من ماريو

١٧- جوڙيو تہ جانب سان ناتو جوڙيو

١٨- ٽوڙيو تہ دنيويءَ ناتا سڀ ٽوڙيو

گيت گوبند جا ڳايو

گيت گوبند جا ڳڏجي ڳايو
مانک جيون پاون بڻايو.

١- هن مايا ڪايا تي پروسو نہ آهي
هيءُ جڳ سنسار سمورو جونو آهي
پريم سان پيارا پريوءَ کي پڪاريو
مانک جيون پاون بڻايو.

٢- هيءُ سنسار آهہ هڪ مسافرخانو،
هت ڪنهن جو نہ ڪو آه نڪاڻو،
دنيا سان ايڏي دِل نہ لڳايو،
مانک جيون پاون بڻايو.

٣- اَڪيلو آئين، اَڪيلو ويندين،
ڪجهہ نہ گڏ تون کڻي ويندين،
رام نام روپيءَ ڌن ڪمايو،
مانک جيون پاون بڻايو.

٤- من مان ڪَڍُ سڀ گند ۽ مير،
هردو هريءَ ڏي منڙا هير،
ڀڳوان کي ''**داس**'' ڪڏهن نہ ڀُلايو،
مانک جيون پاون بڻايو.

٤٠- اوت وٺو تہ ايشور جي سدا اوت وٺو

٤١- معاف ڪريو تہ دوش دشمن جا معاف ڪريو

٤٢- وهايو تہ پڇتاءُ جا آنسوُ وهايو

٤٣- سوچيو تہ ديش ۽ ديشواسين لاءِ سوچيو

٤٤- روڪيو تہ آنتڪواد ۽ اَنرٿ روڪيو

٤٥- منهن ڏيو تہ مُشڪلاتن کي منهن ڏيو

٤٦- وروڌ ڪريو تہ ظالم ۽ پاپيءَ جو وروڌ ڪريو

٤٧- پهچايو تہ پريم ۽ شانتيءَ جو پيغام جِت ڪِٿ پهچايو

٤٨- ڏيکاريو تہ پنهنجي درياهہ دلي ڏيکاريو

٤٩- پاڙهيو تہ ٻارن کي سُنائي چڱائي جا پاٺ پاڙهيو

٥٠- مِٽايو تہ اَگيانيءَ جو اَگيان مِٽايو

٥١- هٽايو تہ اَگيانتا سندي اوندهہ هٽايو

٥٢- ڊاهيو تہ اَنياچار اَنرٿ جا ڪوٽ ڊاهيو

٥٣- گهوريو تہ ديش تان پنهنجي جان گهوريو

٥٤ ويچاريو تہ سٺا ۽ نيڪ ويچار ويچاريو

٥٥- ڪوليو تہ اَندر جون دريون ڪوليو

٥٦- پُڪاريو تہ پرينءَ کي دِل سان پُڪاريو

٥٧- ڪمايو تہ رام نام روپي ڌن ڪمايو

٥٨ جپيو تہ سدا جڳديش جو نام جپيو

٥٩- مڃيو تہ مالڪ جا شُڪرانا مڃيو

٦٠- ڦيريو تہ رام نام جي مالها ڦيريو

٦١- ٻوليو تہ سدا مٺا ٻول ٻوليو

١٩- چاڙهيو تہ شردا جا ڦول ديوتائن تي چاڙهيو
٢٠- ٻاريو تہ ٻيائي دوئي دغا کي ٻاريو
٢١- ساڙيو تہ حسد ساڙ اَندر جو ساڙيو
٢٢- گهٽايو تہ پنهنجي گُهرجون گهٽايو
٢٣- مِٽايو تہ من جو مير مِٽايو
٢٤- پايو تہ پريم جو پلئہ ديوتائن اَڳيان پايو
٢٥- گُهرو تہ مالڪ منڙي کان گُهرو جيڪو ڏيئي نہ پڇاري
٢٦- اَڏيو تہ پنهنجو ڀارت ديش اَڏيو
٢٧- تڙي ڪڍو تہ ڪُرسمون سماج مان تڙي ڪڍو
٢٨- سُڌاريو تہ پنهنجو پرلوڪ سُڌاريو
٢٩- سنواريو تہ پنهنجو منش جيون سنواريو
٣٠- وٺو تہ وات هيٺائين وٺو
٣١- هلو تہ حليمائيءَ سان هلو
٣٢- لاهيو تہ غريبن جا ڏُکڙا لاهيو
٣٣- سالم رکو تہ صحت پنهنجي سالم رکو
٣٤- ڏيو تہ ٻارن کي سُٺا سُهٽا ٻوڌ ڏيو
٣٥- کهل ڪريو تہ گُگدامن تي کهل ڪريو
٣٦- ٻوڙيو تہ نيڪيءَ ڪري درياهہ ۾ ٻوڙيو
٣٧- چکو تہ رام نام روپي رس چکو
٣٨- بچو تہ مرض ۽ قرض کان بچو
٣٩- ڏيو تہ غريب مِسڪين کي ڏڍ ڏيو

٨٤- ٻاڏايو تہ پنهنجي وطن لاءِ ٻاڏايو

٨٥- جيئو تہ جڳ ۾ ٻين لاءِ جيئو

٨٦- مرو تہ پنهنجي ننگ ناموس لاءِ مرو

٩٧- چٽيو تہ چڱائي ۽ سنائي جا ٻج چٽيو

٨٨- پوکيو تہ اَهڙي پوک پوکيو جو آخرت ۾ ڪم اَچي

٨٩- دور رهو تہ دُشٽ پاپين کان دور رهو

٩٠- اُتاريو تہ ديوتائن جي آرتي اُتاريو

٩١- سوچيو تہ پنهنجو ۽ ٻارن جو آئينده سوچيو


٩٢- لڳايو تہ لنو لالڻ سان لڳايو

٩٣- ٽيڪيو تہ متو ديوتائن اَڳيان ٽيڪيو

٩٤- ڳالهايو تہ سوچي سمجهي ڳالهايو

٩٥- ٺاريو تہ دُکين دردمندن جون دليون ٺاريو

٩٦- هٽو تہ پنهنجي من کي موچڙو هڻو.



٦٢- راضي رهو تہ پنهنجي حال تي راضي رهو

٦٣- مُنهن موڙيو تہ موهہ مايا کان مُنهن موڙيو

٦٤- ڪرڻ چاهيو تہ دنيا ۾ نيڪ ڪاريہ ڪريو

٦٥- پار ڪريو تہ ڀؤساگر پار ڪريو

٦٦- دور رهو تہ ڪُسنگ ۽ نشي کان دور رهو

٦٧- ٻُڌوتہ نيڪ پُرشن جا پروچن ٻُڌو

٦٨- عمل ڪريو تہ گروءَ جي ڏنل گيان تي عمل ڪريو

٦٩- آدر ڪريو تہ گروءَ جو آدر ڪريو

٧٠- ڪم ڪريو تہ نيڪيءَ سندا ڪم ڪريو

٧١- ڳايو تہ گوبند جا گُڻ ڳايو

٧٢- ڪوليو تہ خاوند سان ڪاتو ڪوليو

٧٣- ڳالهايو تہ توري تڪي ڳالهايو

٧٤- رکو تہ هرهڪ سان پريم ڀائيچاري جو ناتو رکو

٨٥- نڀايو تہ پنهنجا فرض نڀايو

٧٦- وٺو تہ پنهنجا حق گهري وٺو

٧٧- رٽيو تہ رام جو نام رٽيو

٧٨- ڦيريو تہ محبوب سندي مالها ڦيريو

٧٩- صفايو ڪريو تہ آتنڪواد جو گڏجي صفايو ڪريو

٨٠- وڄايو تہ سُريلا ساز وڄايو

٨١- پڙهو تہ ڌارمڪ شاستر پڙهو

٨٢- پاڙيو تہ ڪيل وچن پاڙيو

٨٣- وڌايو تہ ديش لاءِ حب پريم وڌايو

ياد اَچي ٿي سُهڻي سنڌڙي

١. ياد اَچي ٿي سُهڻي سنڌڙي
جُڙيل آهي تنهن سان منهن جي جندڙي
٢. ڪڏهن نہ وساريان اَباڻي ٻولي
جنهن ۾ اَمڙ ڏني، منڙي لولي
٣. سنڌي آهيان، سنڌي فخر سان سڏايان
ٻولي اَباڻي کي، جيءُ جان کان وڌ چاهيان
٤. ٻولي اَباڻي کي ٻلوان بڻايان
سنڌيت جو جهنڊو هرهنڌ جهولايان
٥. ڪيئن وساريان مان سهڻي سنڌڙي؟
جت ٻولي ڳالهائجي ٿي منڙي منڙي
٦. سدا رهي زنده، هيءُ سنڌي زبان
جنهن ۾ سنتن جي واڻي، فلسفو ۽ گيان
٧. هند ۾ رهي، سنڌ سنڌ تو پڪاريان
وطن کي، ڏسڻ لاءِ پيو تو هنجون هاريان
٨. سرحدن جون ديوارون جلد دور ٿين
وڇڙيل ساٿي شل هڪ ٻئي سان ملن
٩. رهي ديش منهنجو آباد سڄڻ
رکان آس اَندر پنهنجو ديش پسڻ
١٠. يومي سنڌ جي آهہ درويش فقيرن جي
ڌرتي سنڌ جي آهہ سنتن اَلله لوڪن جي
١١. هند ۾ رهي، نئين سنڌ هِتِ ناهيون
جهنڊو سنڌيت جو ''داس'' هرهنڌ جهولايون



کتري چيتانند پرمانندائي ''داس''

جنم : ۲۵-۷-۱۹۳۷

آسانجي ٻُزرگ ساٿي شري چيتانند گنگارام پرمانندائي کتريءَ جو تخلص آهي ''داس''، آهي ٻه سچ-پچ نماڻو ۽ حليم، سچائيءَ جو پُتلو، سادگيءَ جو مجسم. آدرش سکول ۾ اَڌياپڪ طور پنهنجي ڪافي ناموس ڪدي هٿائين ۽ ۱۹۹۵ع ۾ رٽايرڊ ڪيو اٿس. ڇ ٻه شاگرد جڳت ۾ لوڪپريه آهي.

تعليمي ڪيتر ۾ رهندي هن صاحب جي رُچي ساهت سان ٻه جُڙيل ئي رهي آهي خاص ڪري نظم ۾ سائين چيتانند ''داس'' جو قلم زور ور سان چڱن سالن کان هلندو پئي رهيو آهي. هن کان اَڳ ''سنڌي اَحوال'' بليڪيشن ئي سندس شعرن جو گُلدستو ''سنڌيت سنڌي سڳند'' ڇپارايو و ۽ هاڻي وري سندس نئين ڪوتا سنگره ''روحاني رسگُلا'' (آتمڪ گيان) ڻ شايع ڪرڻ جو شرف ساڳيءَ پبليڪيشن کي مليو آهي.

هن صاحب کي شعر لکڻ جو شوق ڪافي ورهين کان آهي ۽ واندڪائيءَ ڪيترائي شعر لکي رکندو هو، پر پوءِ ''سنڌي اَحوال'' ۾ ڇپين ڪيترين بارن ۾ ڇپائڻ لاءِ مون آمده ڪيو. هاڻي ته ''شعرن سندو گُلشن'' سجائڻ يڙ ٿي ويو آهي. هن مجموعي ۾ سماجي وشيه سان واسطو رکندڙ شعر ته ن ئي پر روحاني رمز واريون ڪوتائون وڌيڪ هئڻ ڪري هن مجموعي نالو رکيائون ''روحاني رسگُلا''. اُميد ته هيءَ ڪوتا روپي رسگُلا پاٺڪن اهتيڪارن کي لذت جو ميناج ڏيندا.

سريش آهوجا

(سمپادڪ : سنڌي احوال)